القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓئِكَةُ
۽ چيو انهن جيڪي نه تا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ڇو نه لاٿا ويا اسان تي ملائڪ
۽ جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نه رکندا آهن سي چوندا آهن ته اسان تي ڇو نه ملائڪ نازل ڪيا ويا
اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿۲۱﴾
يا اسان ڏسون ها پنهنجي رب کي. انهن وڏائي رکي پنهنجن دلين ۾ ۽ آڪڙ ڪيائون آڪڙ وڏي.
يا پنهنجي پالڻهار کي (ڇو نه ٿا) ڏسون؟ بيشڪ انهن پنهنجين دلين (نفسن) ۾ وڏائي ڪئي ۽ تمام وڏو هٽ ڪيائون.
يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَيَقُوْلُوْنَ
جنهن ڏينهن ڏسندا ملائڪن کي نه هوندي خوشخبري تنهن ڏينهن ڏوهارين کي ۽ چوندن
جنهن ڏينهن ملائڪن کي ڏسندا تنهن ڏينهن ڏوهارين لاءِ ڪا خوشخبري نه آهي ۽ چوندا ته
حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿۲۲﴾ وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ
بندش مضبوط پيل آهي. ۽ اسان رخ ڪنداسون انهن جي عملن ڏانهن جيڪي ڪيا اٿن پوءِ ڪنداسون ان کي
(الله ڪري اوهين شال) گهڻو پري هجو! ۽ جيڪو به عمل ڪيائون تنهن ڏانهن اسين رخ ڪنداسون. پوءِ ان کي
هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿۲۳﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّاَحْسَنُ
دز پکڙيل. بهشت وارا تنهن ڏينهن ڀلي جاءِ قرار ۾ ۽ چڱي جاءِ
اڏاميل ڌوڙ ڪري ڇڏينداسون. انهيءَ ڏينهن بهشتين جي رهڻ جي جاءِ تمام ڀلي ۽ آرام ڪرڻ جي جاءِ به تمام
مَقِيْلًا ﴿۲۴﴾ وَيَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿۲۵﴾
آرام ۾ هوندا. ۽ جنهن ڏينهن ڦاٽندو آسمان ڪڪرن سان ۽ لاٿا ويندا ملائڪ هيٺ.
سهڻي هوندي. ۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽندو ۽ ملائڪ لڳولڳ لاهبا.
اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ ِالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿۲۶﴾
بادشاهي تنهن ڏينهن سچي هوندي الله جي، ۽ ٿيندو اهو ڏينهن ڪافرن تي ڏکيو.
ان ڏينهن سچي حڪومت ٻاجهاري (الله) جي آهي، ۽ اهو ڏينهن ڪافرن تي سخت ٿيندو. ۽ جنهن ڏينهن
وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ
۽ جنهن ڏينهن چڪ هڻندو ظالم پنهنجي هٿن کي چوندو افسوس جيڪر وٺان ها
ظالم پنهنجا ٻئي هٿ چٻيندو چوندو ته هاءِ ارمانا (جيڪر) پيغمبر سان گڏ واٽ
الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿۲۷﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿۲۸﴾
رسول وارو رستو. هاءِ ارمان جيڪر آءٌ نه وٺان ها فلاڻي کي دوست ڪري.
وٺان ها! (ته چڱو هو). هٿ هٿ ارمانا! جيڪر فلاڻي کي دوست نه وٺان ها.

لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِيْ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ
انهي پلايو مون کي نصيحت کان جڏهن اها مون وٽ آئي، ۽ آهي شيطان انسان سان
بيشڪ جڏهن مون وٽ نصيحت آئي تنهن کان پوءِ هن مون کي ان کان گمراه ڪيو ۽ شيطان ماڻهوءَ کي

خَذُوْلًا ﴿۲۹﴾ وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ
دغا ڪندڙ. ۽ چوندو رسول اي منهنجا رب بيشڪ منهنجي قوم ڪيو هن قرآن کي
(وقت تي) دغا ڏيندڙ آهي. ۽ پيغمبر چوندو ته اي منهنجا پالڻهارا بيشڪ منهنجيءَ قوم هن قرآن کي

مَهْجُوْرًا ﴿۳۰﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِيْنَ ؕ وَ
ترڪ. ۽ اهڙي طرح ڪندا آهيون هر نبيءَ لاءِ دشمن ڏوهارين مان. ۽
ڇڏي ڏنو هو. ۽ اهڙيءَ طرح سڀڪنهن پيغمبر لاءِ ڏوهارين مان ويري بڻايا سون. ۽

كَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّنَصِيْرًا ﴿۳۱﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ
ڪافي آهي تنهنجو رب هدايت ڪندڙ ۽ مددگار. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ڇو نه لاٿو ويو
تنهنجو پالڻهار هدايت ڪرڻ وارو ۽ مدد ڏيڻ وارو ڪافي آهي. ۽ ڪافر چون ٿا ته، پيغمبر تي سارو قرآن هڪ ئي

عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۚ كَذٰلِكَ ۚ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَ
انهي تي قرآن هڪ ئي دفعي، اهڙي طرح مضبوط ڪريون ٿا انهي سان تنهنجي دل کي ۽
ڀيري ڇو نه نازل ڪيو ويو؟ اهڙيءَ طرح (ٿورو ٿورو ڪري لاٿوسون) ته ان سان تنهنجيءَ دل کي مضبوط ڪريون ۽ اهو

رَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿۳۲﴾ وَلَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاَحْسَنَ
پڙهيوسون ان کي ٿورو ٿورو ڪري. ۽ نه ٿا آڻين تو وٽ ڪو مثال. مگر اسان ڏيندا آهيون تو کي سچو جواب ۽ تمام ڀلو
آهستي آهستي پڙهي ٻڌايوسون. ۽ (ڪافر) تو وٽ اهڙي ڪا حجت نه ٿا آڻين جنهن جو اسين سچو (جواب) ۽ وڌيڪ

تَفْسِيْرًا ﴿۳۳﴾ ؕ اَلَّذِيْنَ يُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ
بيان. جيڪي گڏ ڪيا ويندا پنهنجن منهن پر دوزخ ڏانهن اهي ئي
سهڻو تفصيل تو وٽ نه ٿا آڻيون. جيڪي پنهنجن منهن پر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا اهي

شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۳۴﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ ع ٣
بڇڙي جاءِ وارا ۽ غلط رستي وارا آهن. ۽ اسان ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب ۽
جاءِ جي اعتبار کان تمام بڇڙا ۽ واٽ کي بلڪل وڃائيندڙ آهن! ۽ بيشڪ موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون

جَعَلْنَا مَعَهٗٓ اَخَاهُ هٰرُوْنَ وَزِيْرًا ﴿۳۵﴾ ۚ فَقُلْنَا اذْهَبَآ اِلَى الْقَوْمِ الَّذِيْنَ
ڪيوسون ان سان گڏ سندس ڀاءُ هارون کي ڪم سنڀاليندڙ. پوءِ چيوسون وڃو ٻئي ان قوم ڏانهن جن
۽ ساڻس سندس ڀاءُ هارون وزير ڪيوسون. پوءِ چيوسون ته (ٻئي) انهيءَ قوم ڏانهن وڃو جن

مع عِنْدَ الْمُتَقَدِّمِيْنَ

كَذَّبُوا بِاٰيٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِيْرًا ﴿۳۶﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا

ڪوڙو ڪيو اسانجي آيتن کي، پوءِ ڪيوسون انهنکي صفا تباهه. ۽ پڻ نوح جي قوم کي جڏهين انهن ڪوڙو ڪيو

اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو، پوءِ (آخر) کين پاڙئون پٽيوسون. ۽ نوح جي قوم! جڏهن پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو (تڏهن)

الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَجَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ

رسولن کي تہ ٻوڙيوسون انهن کي ۽ ڪيوسون انهن کي ماڻهن لاءِ عبرت. ۽ اسان تيار ڪيو آهي ظالمن لاءِ

کين ٻوڙيوسون ۽ کين ماڻهن لاءِ (عبرت وٺڻ جي) نشاني بڻايوسون. ۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيوسون.

عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۳۷﴾ وَّعَادًا وَّثَمُوْدَا۠ وَاَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًۢا

عذاب دردناڪ. ۽ پڻ عاد ۽ ثمود ۽ کوهه وارن ۽ ٻين قومن

۽ عادين ۽ ثمودين ۽ رس وارن ۽ اُنهن جي وچ ۾ گهڻن جُڳن کي (ناس ڪيوسون).

بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيْرًا ﴿۳۸﴾ وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْاَمْثَالَ ۫ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ﴿۳۹﴾ وَ

وچ وارين گهڻين کي. ۽ سڀني کي پڌاياسون سندن واقعا ۽ سڀني کي تباهه ڪيوسون هلاڪ ڪري. ۽

۽ هرهڪ کي بيان ڪري پڌايوسون ۽ سڀني کي ناس ڪيوسون (جيئن) ناس ڪرڻ (گهرجي). ۽ بيشڪ

لَقَدْ اَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِيْٓ اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ؕ اَفَلَمْ

اهي تي آيا آهن انهي ڳوٺ تان جنهن تي وسايو ويو مينهن عذاب جو. ڇا پوءِ نہ

(ڪافر) اُن ڳوٺ وٽان ٿي آيا آهن، جنهن تي (پٿرن جو) بڇڙو مينهن وسايو ويو هو اُن کي نہ ٿي ڏٺائون ڇا؟

يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ۚ بَلْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ﴿۴۰﴾ وَاِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ

ڏسندا هئا انهن کي، بلڪ اهي نہ اميد رکندا هئا وري اُٿڻ جي. ۽ جڏهن ڏسن ٿا توکي تہ رڳو وٺن ٿا توکي

بلڪ اهي وري جيئري ٿيڻ جي اميد نہ رکندا هئا. ۽ جڏهن توکي ڏسن ٿا، (تڏهن) توکي رڳو ٺٺولي ڪري وٺن ٿا

اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِيْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ﴿۴۱﴾ اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ

مسخري ڪري، ڇا هي اهو آهي جنهنکي موڪليو آهي الله رسول ڪري. اهو تہ قريب هئو جو گمراهہ ڪري ها اسان کي

(چون ٿا تہ) هيءُ اهو (شخص) آهي جنهن کي الله پيغمبر ڪري موڪليو آهي؟. بيشڪ اسان کي پنهنجن

اٰلِهَتِنَا لَوْلَآ اَنْ صَبَرْنَا عَلَيْهَا ؕ وَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ

اسانجن معبودن کان جيڪڏهن نہ مضبوط رهون ها انهن تي، ۽ جلد ڄاڻندا جنهن وقت ڏسندا

بتن (جي پوڄا) کان تڏهن ٿي ڀُلائي ڇڏي ها، جيڪڏهن اسين مٿن پڪا نہ رهون ها ۽ جڏهن عذاب ڏسندا (تڏهن) ڄاڻندا

الْعَذَابَ مَنْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۴۲﴾ اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ

عذاب تہ ڪير ڀلندڙ آهي رستي کان. ڇا تو ڏٺو انهي کي جنهن ورتو خدا ڪري پنهنجي خواهش کي،

تہ واٽ کي ٻلڪل وڃائيندڙ ڪير آهي؟. (اي پيغمبر! تو) اُن کي ڏٺو جنهن پنهنجيءَ سَڌَ کي پنهنجو معبود ڪري ورتو؟

اَفَاَنْتَ تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ﴿٤٣﴾ اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ
ڇا پوءِ تون ٿيندين انهي جو سنڀاليندڙ. ڇا تون ڀانئين ٿو ته گهڻا انهن مان ٻڌن ٿا
پوءِ تون مٿس کو نگهبان ٿيندين ڇا؟. ڀانيو اٿئي ڇا ته منجهائن گهڻا ٻڌن ٿا يا

اَوْ يَعْقِلُوْنَ ۭ اِنْ هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٤٤﴾ ع اَلَمْ
يا سمجهن ٿا. ناهن اهي مگر حيوانن جهڙا بلڪ اهي زياده گمراه آهن. ڇا نه
سمجهن ٿا؟ اهي رڳو ڍورن وانگر آهن. بلڪ اهي واٽ کي (جانورن کان به) وڌيڪ وڃائيندڙ آهن.

تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا
ڏٺو تو پنهنجي رب ڏانهن ڪيئن پکيڙيائين پاڇي کي، ۽ جيڪڏهن گهري ها ته ڪري ها انکي ٽڪندڙ. پوءِ ڪيوسون
(اي پيغمبر!) پنهنجي پالڻهار ڏانهن نه ڏٺو اٿئي ڇا ته پاڇي کي ڪيئن ڊگهو ڪيائين؟ ۽ جيڪڏهن گهري ها ته ان کي (هڪ هنڌ) بيهاري ڇڏي ها. وري

الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا ﴿٤٥﴾ ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَهُوَ
سج کي انهي تي سونهون. وري سوڙهو ڪيوسون ان کي پنهنجي طرف ٿورو ٿورو ڪري. ۽ اهوئي آهي
سج کي مٿس (پنهنجيءَ قدرت جو) دليل ڪيوسون. وري ان (پاڇي) کي پاڻ ڏانهن هوريان هوريان سوڙهو ڪيوسون (جيئن) سوڙهو ڪرڻ (گهرجي). ۽

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّالنَّوْمَ سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ
جنهن بڻايو توهان لاءِ رات کي ڍڪ ۽ ننڊ کي آرام ۽ بڻايائين ڏينهن کي
(الله) اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ رات کي پردو ۽ ننڊ کي آرام ڪيو ۽ ڏينهن کي

نُشُوْرًا ﴿٤٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ
اٿڻ لاءِ. ۽ اهوئي آهي جنهن موڪليون هوائون خوشخبري ڏيندڙ پنهنجي رحمت کان اڳ ۾،
اٿڻ پکڙڻ جو وقت ڪيائين. ۽ (الله) اهو آهي جنهن پنهنجيءَ ٻاجهه (يعني مينهن) کان اڳي هوائن کي خوشخبري ڏيندڙ

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوْرًا ﴿٤٨﴾ لِّنُحْيِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ
۽ لاٿوسون آسمان مان پاڻي پاڪ. جيئن آباد ڪريون انهي سان زمين غير آباد کي ۽ پياريون
ڪري موڪليو ۽ آسمان مان پاڪ پاڻي (هن لاءِ) وسايوسون. ته ان سان ويران شهر کي آباد ڪريون ۽ ته

مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّاَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿٤٩﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ
اهو پنهنجي پيدا ڪيل جانورن ۽ ماڻهن گهڻن کي، ۽ ڦيرايوسون ان کي انهن جي وچ ۾
پنهنجن پيدا ڪيل ڍورن ۽ گهڻن ماڻهن کي اهو پياريون. ۽ بيشڪ ان (مينهن) کي سندن وچ ۾ هن ڪري ڦيرائيندا

لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا
جيئن نصيحت وٺن پر نه مڃيا گهڻا ماڻهو ڪفر ڪرڻ کان. ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته موڪليون ها
آهيون ته نصيحت وٺن، پوءِ گهڻا ماڻهو بيشڪريءَ کان سواءِ نه ٿا رهن. ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته هرهڪ ڳوٺ ۾ هڪ

فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ۝٥١ۖ فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَجَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ۝٥٢

هر ڳوٺ ۾ ڊيڄاريندڙ. پوءِ تون نہ چيو وٺ ڪافرن جو ۽ مقابلو ڪر انهن جو قرآن سان مقابلو وڏو.

ڊيڄاريندڙ موڪليون ها! پوءِ تون ڪافرن جو چيو نہ مڃ ۽ اُن (قرآن جي حڪم) سان (مقابلي طرح) ساڻن وڏو جهاد ڪر!

وَهُوَ الَّذِيْ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ۚ

۽ اهوئي آهي جنهن گڏ هلايو ٻن دريائن کي هي مِٺو اُڃ لاهڻ وارو ۽ هو لوڻ ڪارو.

۽ (الله) اهو آهي، جنهن ٻن دريائن کي پاڻ ۾ ملايو جو هيءُ (هڪڙو) مٺو اُڃ لاهيندڙ ۽ هي (ٻيو) لوڻياٺو ڪارو آهي،

وَجَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّحِجْرًا مَّحْجُوْرًا ۝٥٣ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ

۽ ڪيائين انهن جي وچ ۾ پردو ۽ آڙ مضبوط. ۽ اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو

۽ سندن وچ ۾ آڙ ۽ مضبوط پردو بڻايائين. ۽ (الله) اهو آهي، جنهن پاڻيءَ مان ماڻهو کي بڻايو،

مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّصِهْرًا ۭ وَكَانَ رَبُّكَ قَدِيْرًا ۝٥٤ وَيَعْبُدُوْنَ

پاڻي مان ماڻهوءَ کي پوءِ ڪيائين ان جي پيڙهي ۽ ساهراڻ، ۽ آهي تنهنجو رب وڏي طاقت وارو. ۽ پوڄين ٿا

پوءِ ڪيس پيڙهيءَ ۾ سيٽيءَ (ساهراڻ) جي مائٽيءَ وارو ڪيائين ۽ تنهنجو پالڻهار وسارو آهي. ۽ الله کان

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُهُمْ وَلَا يَضُرُّهُمْ ۭ وَكَانَ الْكَافِرُ عَلٰي رَبِّهٖ

الله کان سواءِ انکي جو نہ ٿو فائدو ڏئي انهنکي ۽ نہ ٿو نقصان پهچائي انهن کي، ۽ آهي ڪافر پنهنجي رب کان

سواءِ اهڙن جي پوڄا ڪندا آهن، جي کين نہ ڪي سک ڏين ۽ نہ ڪو کين ڏک پهچائين ۽ ڪافر پنهنجي پالڻهار کي

ظَهِيْرًا ۝٥٥ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۝٥٦ قُلْ مَآ اَسْــَٔـلُكُمْ عَلَيْهِ

پٺيرو. ۽ رڳو اسان موڪليو توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ. چؤ آءٌ نہ ٿو گهران توهان کان ان تي

پٺي ڏيڻ وارو آهي. ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي. (کين) چئو تہ، آءٌ اوهان

مِنْ اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ يَّتَّخِذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ۝٥٧ وَتَوَكَّلْ عَلَي

ڪو اجورو مگر جيڪو چاهي تہ وٺي پنهنجي رب ڏانهن رستو. ۽ ڀروسو ڪر انهي

کان اُن (قرآن جي پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران، پر جيڪو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺڻ گهري (سو ڀل تہ وٺي). ۽ (اي

الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ وَسَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ۭ وَكَفٰي بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ

جيئري تي جيڪو نہ مرندو ۽ تسبيح پڙهہ ان جي تعريف سان، ۽ ڪافي آهي اهو پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي

پيغمبر! تون اُنهيءَ الله) جيئري تي ڀروسو ڪر جيڪو (ڪڏهن) نہ مرندو ۽ سندس ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ اهو پنهنجن ٻانهن جي گناهن

خَبِيْرَا ۝٥٨ۚ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ

خبر رکندڙ. جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾

جي خبر رکندڙ ڪافي آهي. جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي (سو) ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو،

مع عند المتقدمين

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚۛ اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿۵٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ

پوءِ قائم رهيو عرش تي، اهو ٻاجهارو آهي پوءِ پڇا ڪر ان جي خبرواري ڪان. ۽ جڏهن چئجي ٿو

وري عرش تي قائم ٿيو. (اهو) ٻاجهارو آهي، پوءِ سندس (صفتون) ڪنهن خبر رکندڙ کان پڇ! ۽ جڏهن کين چئبو آهي تہ

لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ق اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَ

انهن کي تہ سجدو ڪريو رحمان جو، چون ٿا ڪير آهي رحمان، ڇا سجدو ڪريون ان کي جنهنجو حڪم ٿو ڪرين اسان کي ۽

رحمان کي سجدو ڪريو (تڏهن) چوندا آهن تہ رحمان ڇا آهي؟ جنهن لاءِ اسان کي حڪم ٿو ڪرين، تنهن کي ڇو سجدو

زَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿٦٠﴾ السجدة ع تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّجَعَلَ ۵ ع ١٦ ٣

ان وڌايو انهن جي نفرت کي. وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن ڪيا آسمان ۾ بُرج ۽ ڪيائين

ڪريون؟ ۽ (انهيءَ ڳالهہ هٿئون) سندن نفرت وڌائي. اهو (الله) وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن آسمان ۾ برج بڻايا ۽ منجهس

فِيْهَا سِرٰجًا وَّقَمَرًا مُّنِيْرًا ﴿٦١﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ خِلْفَةً

انهن ۾ سج ۽ چنڊ روشني ڪندڙ. ۽ اهوئي آهي جنهن ڪيو رات ۽ ڏينهن کي هڪٻئي پٺيان

ڏيو (يعني سج) ۽ چمڪندڙ چنڊ بڻايو. ۽ (الله) اهو آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پٺيان ايندڙ

لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٢﴾ وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ

ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو چاهي تہ ذڪر ڪري يا چاهي شڪر ڪري. ۽ ٻانها ٻاجهاري جا اهي آهن جيڪي

انهيءَ (ماڻهوءَ) لاءِ بڻايو جيڪو نصيحت وٺڻ گهري يا شڪرانو ڪرڻ گهري. ۽ ٻاجهاري (الله) جا ٻانها اُهي آهن،

يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا

هلندا آهن زمين تي نرمي سان ۽ جڏهن ڳالهائيندا آهن انهن سان جاهل تہ چوندا آهن

جيڪي زمين تي نِوڙت سان گهمندا آهن ۽ جڏهن بي عقل ساڻن ڳالهائيندا آهن (تڏهن) چوندا آهن تہ

سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّقِيَامًا ﴿٦٤﴾ وَالَّذِيْنَ

سلام هجيوَ. ۽ اهي جيڪي رات گذارين ٿا پنهنجي رب لاءِ سجدي ۽ قيام ۾. ۽ اهي جيڪي

سلامت هجو (شال). ۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار کي سجدو ڪندڙ ۽ قيام ڪندڙ ٿي راتيون گذاريندا آهن. ۽

يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ

چون ٿا اي رب اسان جا هٽاءِ اسان تان عذاب جهنم جو، بيشڪ عذاب ان جو آهي

اهي جيڪي چوندا آهن تہ، اي اسان جا پالڻهار! اسان کان دوزخ جو عذاب ٽار! بيشڪ دوزخ جو عذاب

غَرَامًا ﴿٦۵﴾ ۖ ق اِنَّهَا سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٦٦﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا

چنبي. بيشڪ اها بڇڙي آهي جاءِ قرار جي ۽ جاءِ رهڻ جي. ۽ اهي جڏهن خرچ ڪن ٿا

(وڏي) چنبي آهي. بيشڪ اهو آرام ڪرڻ جو هنڌ ۽ رهڻ جو هنڌ بڇڙو آهي. ۽ اهي جو جڏهن خرچ ڪندا آهن

لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾ وَالَّذِيْنَ

اجايو خرچ نہ ٿا ڪن ۽ نڪي تنگي ٿا ڪن ۽ آهي اهو وچٿرو. ۽ اهي جيڪي

(تڏهن) نہ ڪي اجايو خرچيندا آهن ۽ نہ ڪي تنگي ڪندا آهن ۽ انهن (ٻنهي) جي وچ ۾ پورا هلندا آهن. ۽ اهي

لَا يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ

نہ ٿا سڏين الله سان گڏ ٻئي ڪي ۽ نہ ٿا قتل ڪن ماڻهوءَ کي جنهن جي منع ڪئي

جيڪي الله ساڻ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ پوڄيندا آهن ۽ نڪي اهي ماڻهوءَ کي ماريندا آهن، جنهن جو

اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿٦٨﴾ يُّضٰعَفْ

الله مگر حق سان ۽ نڪي زنا ٿا ڪن، ۽ جيڪو ڪندو اهو ڪم پوندو عذاب ۾. ٻيڻو ڪيو ويندو

حق کان سواءِ مارڻ الله حرام ڪيو آهي ۽ نڪي زنا ڪندا آهن ۽ جيڪو اهي ڪم ڪندو سو سخت عذاب لهندو.

لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ ۖ اِلَّا مَنْ تَابَ

ان جو عذاب قيامت ڏينهن ۽ هميشہ رهندو ان ۾ خوار ٿي. مگر جنهن توبہ ڪئي

قيامت جي ڏينهن ان کي ٻيٽو عذاب ڪبو ۽ منجهس سدائين خوار رهندو. پر جن توبه ڪئي

وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ

۽ ايمان آندو ۽ ڪيائين چڱا ڪم پوءِ انهن جون بدلائيندو الله برايون ڀلاين سان،

۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي، اهي آهن جن جون مدايون الله ڦيرائي نيڪيون ڪندو،

وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٠﴾ وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ

۽ آهي الله بخشڻهار مهربان. ۽ جنهن توبہ ڪئي ۽ ڪيا چڱا ڪم پوءِ اهو موٽي آيو

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جيڪو توبه ڪري ۽ چڱا ڪم ڪري سو بيشڪ

اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ

الله ڏانهن پورو موٽڻ. ۽ جيڪي نہ ٿا شامل ٿين ڪوڙي ڪم ۾ ۽ جڏهن لنگهن ٿا بيهودگي تان

الله ڏانهن نيٺ وري موٽي ٿو. ۽ اهي جيڪي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيندا آهن ۽ جڏهن بيهودي ڪر تي لنگهندا آهن.

مَرُّوْا كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا

تہ لنگهن ٿا شرافت سان ۽ اهي جڏهن کين سمجهائجي ٿو سندن رب جي آيتن سان نہ ٿا ٿي پون ان تي

(تڏهن چڱيءَ ريت) معززن وانگر لنگهندا آهن. ۽ اهي جو جڏهن کين سندن پالڻهار جي آيتن سان نصيحت ڏبي آهي (تڏهن) ان

صُمًّا وَّعُمْيَانًا ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا

ٻوڙا ۽ انڌا. ۽ جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا عطا ڪر اسان کي اسان جي زالن

(جي ٻڌڻ سان) ٻوڙا ۽ انڌا ٿي نہ ڪرندا آهن. ۽ اهي جيڪي چوندا آهن تہ، اي اسان جا پالڻهار! اسان جي زالن

وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾ اُولٰٓئِكَ

۽ اسان جي اولاد مان ٺار اکين جو ۽ ڪر اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ. انهن کي

۽ اسان جي اولاد مان اسان کي اکين جو ٺار بخش ۽ اسان کي پرهيزگارن جو امام ڪر. اِهي (اُهي) آهن

يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ﴿٧٥﴾

بدلو ڏنو ويندو بلند جاين جو هن ڪري ته صبر ڪيائون ۽ ملاقات ٿيندن اتي دعا ۽ سلام سان.

جن کي سندن صبر سببان وڏيون ماڙيون عيوض ۾ ڏبيون ۽ ان ۾ چڱي دعا ۽ سلام پهچائبن.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ

هميشه رهندا ان ۾. اهاڀلي آهي جاءِ قرار جي ۽ جاءِ رهڻ جي. چو نه ٿو پرواهه ڪري توهان جي

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. اُهو آرام ڪرڻ جو ۽ رهڻ جو سهڻو هنڌ آهي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته. جيڪڏهن (الله کي) اوهان جو سڏڻ نه

رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ ۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع

منهنجو رب جيڪڏهن نه سڏيو توهان ان کي سو توهان ڪوڙو ڪري چڪا آهيو پوءِ جلد ٿيندي سزا لازم.

هجي ته منهنجي پالڻهار کي اوهان جي ڪا پرواهه نه آهي. بيشڪ اوهان (پيغمبر کي) ڪوڙو پاتس تنهن ڪري سگهو (اوهان لاءِ) عذاب لازم ٿيندو.

سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٢٢٧ رُكُوْعَاتُهَا ١١

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا

طسم. هي آيتون آهن ڪتاب بيان ڪندڙ جون. شايد تون هلاڪ ڪندين پاڻ کي جي

طسم. هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن. متان تون پاڻ کي هن سببان گهڻي ماريندڙ ٿئين

يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ

اهي ايمان نه آڻين. جيڪڏهن اسين چاهيون ته لاهيون انهن تي آسمان کان ڪا نشاني پوءِ ٿين

ته (ڪافر) مسلمان نه ٿا ٿين. جيڪڏهن اسين گهرون ته آسمان مان مٿن ڪا (اهڙي) نشاني نازل ڪريون جنهن جي

اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ﴿٤﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ

ڪنڌ انهن جا انهي جي آڏو جهڪندڙ. ۽ نه ٿي اچي انهن وٽ ڪا نصيحت رحمان جي

آڏو سندن گردن جهڪا ٿين. ۽ ٻاجهاري (الله) کان ڪائي نئين نصيحت وٽن نه ايندي آهي جو

مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ مُعْرِضِيْنَ ﴿٥﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْبٰٓؤُا

نئين مگر آهن انهي کان منهن ڦيريندڙ. پوءِ انهن ڪوڙو ڪوٺيو پوءِ اچڻوا ايندو انهن وٽ خبرون

ڪانئس منهن موڙيندڙ (نه) آهن. پوءِ بيشڪ ڪوڙ ڀانئي چڪا، تنهن ڪري سگهوئي وٽن اُهي خبرون اينديون

اَلرُّبْعُ — المنزل الخامس (٥)

مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑥ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا

ان جون جنهن تي ٺٺوليون ڪندا هئا. ڇا نه ڏٺو انهن ڌرتيءَ ڏانهن ڪيترين ئي پيدا ڪيوسون

جن سان (اهي) ٺٺوليون ڪندا هئا. زمين ڏانهن نه ڏٺو اٿن ڇا ته منجهس هر ڪنهن چڱيءَ جنس جا

فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ⑦ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

ان ۾، هر قسم جون ڀليون شيون. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي. ۽ نه آهن گهڻا انهن مان

ڪيترائي سلا ڄماياسون؟. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نه آهن.

ع ٥

مُّؤْمِنِيْنَ ⑧ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ⑨ ع وَاِذْ نَادٰى رَبُّكَ

مڃيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب اهوئي زبردست آهي رحم وارو آهي. ۽ جڏهن سڏيو تنهنجي رب

۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي. ۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار موسيٰ کي سڏيو

مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ⑩ لا قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ⑪

موسيٰ کي ته اچ ظالمن جي قوم ڏانهن. فرعون جي قوم ڏانهن. جو اهي خوف نه ٿا ڪن.

ته ظالمن جي قوم ڏانهن وڃ. جا فرعون جي قوم آهي (ڪانئن پڇ ته) پرهيزگاري نه ڪندا ڇا؟.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ⑫ ط وَيَضِيْقُ صَدْرِيْ وَلَا

چيائين منهنجا رب آءٌ ڊڄان ٿو ته مونکي ڪوڙو ڪندا. ۽ تنگ ٿيندي دل منهنجي ۽ نه

موسيٰ چيو ته، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو ته متان مون کي ڪوڙو ڀائين. ۽ منهنجو سينو تنگ ٿئي ٿو ۽ منهنجي زبان پوري نه

يَنْطَلِقُ لِسَانِيْ فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ⑬ وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ

هلندي زبان منهنجي پوءِ حڪم موڪل هارون ڏانهن. ۽ انهن جو مون تي ڏوهه آهي پوءِ آءٌ ڊڄان ٿو

اٿندي آهي، تنهن ڪري هارون ڏانهن (پيغمبريءَ جو حڪم) موڪل. ۽ انهن جو مون تي ڏوهه آهي، تنهن ڪري ڊڄان ٿو ته متان مون

اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ⑭ ج قَالَ كَلَّا ج فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ⑮

ته متان مون کي ماري وجهن. چيائين هرگز نه. پوءِ وڃو ٻئي اسان جي نشانين سان اسان توهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون.

کي ماري ڇڏين. (الله) فرمايو ائين (ٿيڻو) نه آهي. پوءِ منهنجين نشانين سان ٻئي (ڄڻا) وڃو، بيشڪ اسين اوهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون.

فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ⑯ لا اَنْ اَرْسِلْ

پوءِ اچو فرعون ڏانهن پوءِ چئو اسان موڪليل آهيون رب العالمين جا. ته ڇڏ

تنهن ڪري فرعون وٽ وڃو ۽ چئوس ته بيشڪ اسين جهان جي پالڻهار جا (هن پيغام سان) موڪليل آهيون. ته

مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ⑰ ط قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّلَبِثْتَ

اسان سان بني اسرائيل کي. ان چيو ڇا نه پاليو هئو اسان توکي پاڻ وٽ ٻار ڪري ۽ تون رهيو آهين

بني اسرائيل کي اسان ساڻ موڪل. (فرعون) چيو ته، توکي پنهنجن (پاڻ وٽ) ۾ ننڍڙو ڪري نه پاليو هيوسون ڇا؟

فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿١٨﴾ وَ فَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَ

اسان ۾ پنهنجي عمر جا ڪيئي سال. ۽ تو ڪيو هئو پنهنجو ڪم جيڪو ڪيو تو ۽

۽ پنهنجيءَ عمر جا ڪيترائي ورهيه اسان ۾ گذاريئي. ۽ تو پنهنجو اهو ڪم ڪيو جو تون ڪري چڪين ۽

اَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّاَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾

تون تيو آهين بي شڪرن مان. چيائين ڪيو هئم اهو تنهن وقت آءٌ رستي تي نہ هئس.

تون بيشڪرن مان آهين. (موسيٰ) چيو تہ، جنهن مهل اهو ڪم ڪيو هوم (تنهن مهل) آءٌ بي سمجهن مان هوس.

فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ رَبِّيْ حُكْمًا وَّ جَعَلَنِيْ

پوءِ ڀڄي ويس توهان کان جڏهن ڊنم توهان کان پوءِ ڏنو مونکي منهنجي رب حڪم ۽ ڪيائين مونکي

پوءِ جنهن مهل اوهان جي (ايذاءَ) کان ڊنس (تنهن مهل) اوهان کان ڀڳس، پوءِ منهنجي پالڻهار مونکي سياڻپ بخشي ۽

مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾ وَ تِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ

رسولن مان. ۽ اها ڪا مهرباني آهي جنهنجو ٿورو ڪرين ٿو مون تي جو غلام بڻايو اٿئي بني

مون کي پيغمبرن مان ڪيائين. ۽ اهو احسان آهي ڇا جنهن جو مون تي ٿورو رکين ٿو؟ تہ بني اسرائيل کي ٻانهو ڪري ورتو اٿئي.

اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ

اسرائيل کي. چيو فرعون ڪير آهي رب العالمين؟ چيائين اهو پالڻهار آهي آسمانن

فرعون چيو تہ، جهانن جو رب ڇا (ڪي چيز) آهي؟. (موسيٰ) چيو تہ، آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۭ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗٓ

۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان يقين ڪريو. ان چيو پنهنجي ڪچهري وارن کي

سندن وچ ۾ آهي، تنهن جو پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين ويساهہ رکندڙ آهيو. (فرعون) پنهنجي آس پاس وارن کي چيو

اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآىِٕكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٦﴾ قَالَ

ڇا توهان نہ ٿا ٻڌو؟ چيائين پالڻهار توهان جو ۽ پالڻهار توهان جي ابن ڏاڏن اڳين جو. ان چيو

تہ (اوهين) نہ ٿا ٻڌو ڇا؟. (موسيٰ) چيو تہ، (اهو) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي. (فرعون) چيو تہ،

اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِيْٓ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ

بيشڪ رسول توهان جو جيڪو موڪليو ويو توهان ڏانهن سو چريو آهي. چيائين اهو پالڻهار آهي اوڀر

اوهان جو پيغمبر جيڪو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي سو بيشڪ چريو آهي. (موسيٰ) چيو تہ، اوڀر ۽ اولهہ ۽ جيڪي

وَالْمَغْرِبِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۭ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَىِٕنِ اتَّخَذْتَ

۽ اولهہ جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا. ان چيو جيڪڏهن ورتو اٿيئي

انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي تنهن جو (بہ) پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين سمجهہ رکندا آهيو (تہ اها سمجهاڻي بس آهي). (فرعون) چيو تہ،

اِلٰهًا غَيْرِيْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالَ اَوَلَوْ جِئْتُكَ
خدا مون کان سواءِ ڪو بيو تہ ضرور ڪندس آءٌ توکي قيدين مان. چيائين ڇا توکي جو آڻيان تووٽ
جيڪڏهن مون کان سواءِ ڪو بيو خدا ورتئي تہ ضرور توکي قيدين مان ڪندس. (موسيٰ) چيو تہ. جيتوڻيڪ تو وٽ پڌري

بِشَيْءٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَاْتِ بِهٖٓ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾
ڪا شيءِ پڌري. ان چيو پوءِ آڻ اها جيڪڏهن آهين تون سچن مان.
شيءِ آڻيان تہ بہ (قيد ڪندين) ڇا؟. (فرعون) چيو تہ. جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ اها آڻ؟.

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿٣٢﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا
پوءِ اڇليائين لٺ پنهنجي تہ اوچتو اها ٿي پئي نانگ چٽو. ۽ ڪڍيائين هٿ پنهنجو تہ اوچتو
پوءِ پنهنجي لٺ اڇليائين تہ اها امالڪ پڌرو واسينگ (نانگ) ٿي پيئي. ۽ پنهنجو هٿ ڪڍيائين تہ اوچتو اُهو ڏسندڙن

هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗٓ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ
اهو روشن ٿي پيو ڏسندڙن لاءِ. ان چيو پنهنجي ڪچهري جي سردارن کي يقينن هيءُ ڪو جادوگر آهي
لاءِ چمڪندڙ ٿي پيو. (فرعون) پنهنجن آسپاس وارن سردارن کي چيو تہ. بيشڪ هيءُ (شخص) وڏو ڄاڻون جادوگر آهي.

عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖ فَمَاذَا
ڄاڻو. جو چاهي ٿو تہ ڪڍي توهان کي توهان جي ملڪ مان پنهنجي جادو سان. پوءِ ڇا ٿا
(هو) اوهان کي اوهان جي ملڪ مان پنهنجي جادوءَ سان لوڏڻ گهري ٿو، پوءِ مون کي (هاڻي) ڇا ٿا حڪم ڪريو؟

تَاْمُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَابْعَثْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٣٦﴾
حڪم ڪريو؟ چيائون پر ڍي ان کي ۽ سندس ڀاءُ کي ۽ موڪل ڳوٺن ۾ گڏ ڪندڙن کي.
چيائون تہ. کيس ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ ڪوٺيندڙن کي موڪل.

يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿٣٧﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٣٨﴾
جو آڻين تووٽ هر وڏي جادوگر ڄاڻوءَ کي. پوءِ گڏ ڪيا ويا ماندا موقعي تي ڏينهن مقرر ۾.
تہ هر وڏي ڄاڻون جادوگر کي تو وٽ آڻين. پوءِ هڪ ڏينهن جي ٺهرايل انجام تي جادوگر گڏ ڪيا ويا.

وَّقِيْلَ لِلنَّاسِ هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿٣٩﴾ لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ
۽ چيو ويو ماڻهن کي ڇا توهان بہ گڏ ٿيندؤ! جيئن اسان تابع ٿيون جادوگرن جا
۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ. اوهين (بہ) گڏ ٿيڻ وارا آهيو ڇا؟. جيڪڏهن اهي (جادوگر) غالب ٿيا تہ مَن اسين

اِنْ كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤٠﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ
جيڪڏهن اهي زور ٿي ويا. پوءِ جڏهن آيا جادوگر چيائون فرعون کي
انهن جا تابعدار ٿيون. پوءِ جنهن مهل جادوگر آيا (تنهن مهل) فرعون کي چيائون تہ جيڪڏهن اسين

أَئِنَّ لَنَا لَأَجْرًا إِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤١﴾ قَالَ نَعَمْ وَإِنَّكُمْ

چا اسان لاءِ آهي مزدوري جيڪڏهن ٿيون اسين زور. ان چيو هائو ۽ اوهين

ڏاڍا ٿيون تہ اسان لاءِ ڪو انعام آهي (يا نہ؟) (فرعون) چيو تہ، هائو ۽ بيشڪ اوهين اُنهيءَ مهل

إِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰىٓ أَلْقُوْا مَآ أَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾

ان وقت ٿيندا وڏن عهدن تي. چيو انهن کي موسيٰ اڇلايو جيڪي توهان اڇليندڙ آهيو.

(منهنجن) ويجهن مان ٿيندو. کين (موسيٰ) چيو تہ، جيڪي (ڏارا) اوهين اُڇلڻ وارا آهيو، سي اُڇليو.

فَأَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَعِصِيَّهُمْ وَقَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ إِنَّا لَنَحْنُ

پوءِ اڇلايائون رسا پنهنجا ۽ لٺيون پنهنجون ۽ چيائون فرعون جي عزت جو قسم تہ بيشڪ اسان ئي

پوءِ هنن پنهنجا رسا ۽ پنهنجيون لٺيون اُڇليون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزت جو قسم آهي تہ بيشڪ اسين ئي

الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَأَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَإِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾

زور آهيون. پوءِ اڇلايو موسيٰ پنهنجي لٺ کي تہ اوچتو اها ڳڙڪائي پئي ان کي جو انهن ٺاهيو هئو.

غالب ٿينداسون. پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ اُڇلي تہ اها اُتي جو اُتي جيڪو ناٽڪ ٺاهيندا ويا سو ڳهندي ويئي.

فَأُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾

پوءِ ڪري پيا جادوگر سجدو ڪندي. چوڻ لڳا ايمان آندوسون رب العالمين تي.

پوءِ جادوگر سجدو ڪندڙ تي ڪريا. چيائون تہ، جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندوسون.

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ أَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ إِنَّهٗ

موسيٰ ۽ هارون جي رب تي. ان چيو توهان مڃيو ويا ان کي اڳي هن کان جو آءٌ موڪل ڏيان توهان کي، يقينن

(جو) موسيٰ ۽ هارون جو رب آهي. (فرعون) چيو تہ، اُن کان اڳ، جو اوهان کي موڪل ڏيان، اوهان موسيٰ تي ڇو

لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۥ لَأُقَطِّعَنَّ

اهو وڏو آهي توهان جو جنهن سيکاريو توهان کي جادو، پوءِ اجهو اوهين ڄاڻندؤ ضرور وڍيندس

ايمان آندو؟ بيشڪ اهو اوهان جو وڏو (استاد) آهي، جنهن اوهان کي جادو سيکاريو، پوءِ سگهو ڄاڻندو.

أَيْدِيَكُمْ وَأَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَأُصَلِّبَنَّكُمْ أَجْمَعِيْنَ ﴿٤٩﴾

هٿ توهان جا ۽ پير توهان جا ابتڙ ۽ ضرور ڦاهي ڏيندس توهان سڀني کي.

اوهان جا هڪ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي پاسي جا پير ضرور وڍيندس ۽ اوهان مڙني کي (ڳل) ضرور سوريءَ چاڙهيندس.

قَالُوْا لَا ضَيْرَ ۡ إِنَّآ إِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ إِنَّا نَطْمَعُ أَنْ يَّغْفِرَ لَنَا

چيائون ناهي ڪو حرج بيشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن موٽي ويندڙ آهيون. بيشڪ اسان اميد ٿا ڪريون تہ معاف ڪندو اسان کي

چيائون تہ، ڪو حرج نہ آهي، بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون. بيشڪ اسين اميد ٿا رکون تہ اسان جو

ع ٣ ١٨ ٤ رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾ ۧ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى

رب اسان جو گناه اسان جا جو اسين آهيون پهريان ايمان آڻيندڙ. ۽ حڪم ڪيوسون موسيٰ ڪي

پالڻهار اسان جا ڏوهه اسان ڪي بخشيندو. انهيءَ ڪري جو پهريون (اسين) مسلمان ٿيا آهيون. ۽ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسون

اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾ فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ

ته رات جو ڪڍ منهنجي ٻانهن ڪي جو توهان جي پٺيان پوندا. پوءِ موڪليا فرعون شهرن ۾

ته منهنجن ٻانهن ڪي راتو واهه وٺي نڪر ڇو ته (فرعون ۽ سندس لشڪر) اوهان جي پٺيان پوندا. پوءِ فرعون شهرن

حٰشِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ ۚ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٤﴾ ۙ وَاِنَّهُمْ لَنَا

گڏ ڪندڙ. ته اهي ماڻهو آهن جماعت ٿوري. ۽ اهي اسان ڪي

۾ ڪوٺيندڙ موڪليا. (چيائين) ته بيشڪ هي ٿورڙن (ماڻهن) جو مچو آهي. ۽ بيشڪ اُنهن اسان ڪي

لَغَآئِظُوْنَ ﴿٥٥﴾ ۙ وَاِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿٥٦﴾ ۭ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ

ڪاوڙائيندڙ آهن. ۽ اسين سمورا هٿيارن وارا آهيون. پوءِ اسان ڪڍيو انهن ڪي باغن

ڪاوڙايو آهي. ۽ اسين هٿيارن واري جماعت آهيون. (الله فرمائي ٿو ته) پوءِ اُنهن (فرعونين) ڪي باغن

وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٧﴾ ۙ وَّكُنُوْزٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٥٨﴾ ۙ كَذٰلِكَ ۭ وَاَوْرَثْنٰهَا بَنِيْٓ

۽ چشمن ۽ ڪاٺين ۽ جاين پلين مان. ائين ئي ڪيوسون ۽ وارث بڻايوسون انهن جو بني

۽ چشمن کان ٻاهر ڪڍيوسون. ۽ خزانن ۽ عزت واري جاءِ مان (ب). اهڙيءَ طرح (ڪيوسون). ۽ اُنهن (شين) جو

اِسْرَآءِيْلَ ﴿٥٩﴾ ۭ فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ

اسرائيل ڪي. پوءِ پٺيان پيين سج اڀرئي سان. پوءِ جڏهن ڏٺو هڪٻئي ڪي ٻنهي جماعتن چيو

بني اسرائيلن ڪي وارث ڪيوسون. پوءِ سج اُڀرندي ئي انهن (بني اسرائيلن) جي پوئتان پيا. پوءِ جنهن مهل ٻنهي ٽولين

اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿٦١﴾ ۚ قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ

سنگت موسيٰ جي اسان ته پڪڙجي پياسون. چيائين هرگز نه. بيشڪ مون سان گڏ منهنجو رب آهي.

هڪ ٻئي ڪي ڏٺو (تنهن مهل) موسيٰ جي سنگتين چيو ته. بيشڪ اسان ڪي پهچي ويا. (موسيٰ) چيو ته. ائين نه آهي. بيشڪ

سَيَهْدِيْنِ ﴿٦٢﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ۭ

اجهو ڏگ لائيندو مونکي. پوءِ وحي ڪيوسون موسيٰ ڏانهن ته هڻ لٺ پنهنجي سمنڊ ڪي.

منهنجو پالڻهار مون ساڻ آهي، سگهو مون ڪي رستي لائيندو. پوءِ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسين ته پنهنجي لٺ سمنڊ ڪي هڻ!

فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿٦٣﴾ ۚ وَاَزْلَفْنَا

پوءِ اهو چيرجي پيو پوءِ ٿي پئي هر ڦاڪ پاڻيءَ جي جهڙو جبل وڏو. ۽ ويجهو آندوسون

پوءِ اهو چيرجي پيو پوءِ هر ڀاڱو وڏي پهاڙ جهڙو ٿي پيو. ۽ انهن هين (يعني فرعونين) کي اُن هنڌ ويجهو ڪيوسون.

ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَاَنْجَيْنَا مُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿٦٥﴾ ثُمَّ
اتي ٻين کي. ۽ بچايوسون موسىٰ کي ۽ جيڪي انھيءَ سان گڏ ھئا سمورا. پوءِ
۽ موسىٰ ۽ سندس سنگتين مڙني کي بچايوسون. وري (ھنن) ٻين (يعني فرعونين)

اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ
ٻوڙيوسون ٻين کي. بيشڪ انھيءَ ۾ نشاني آھي، ۽ نہ ٿيا گھڻا انھن مان
کي ٻوڙيوسون. بيشڪ اِنھيءَ (قصي) ۾ نشاني آھي، ۽ انھن مان گھڻا مڃڻ وارا نہ ھئا.

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٦٧﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٦٨﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ
ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنھنجو پاليندڙ اھو زبردست مھربان آھي. ۽ پڙھي ٻڌاءِ انھن کي خبر
۽ بيشڪ تنھنجو پالڻھار ئي غالب مھربان آھي. ۽ اُنھن کي ابراھيم جو قصو پڙھي ٻڌاءِ.

اِبْرٰهِيْمَ ﴿٦٩﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا نَعْبُدُ
ابراھيم جي. جڏھن چيائين پنھنجي پيءُ ۽ پنھنجي قوم کي ڇا جي عبادت ڪريو ٿا؟ چيائون پوڄيون ٿا
جڏھن پنھنجي پيءُ ۽ پنھنجيءَ قوم کي چيائين تہ ڇاکي پوڄيندا آھيو؟ چيائون تہ، (اسين) بتن کي پوڄيندا آھيون.

اَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِيْنَ ﴿٧١﴾ قَالَ هَلْ يَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ
بتن کي پوءِ آھيون تن جي آڏو ويھندڙ. چيائين ڀلا ٻڌن ٿا توھان جو جنھن وقت
پوءِ سدائين اُنھن جا مجاور ٿي رھندا آھيون. (ابراھيم) چيو تہ، جڏھن (ھنن کي) سڏيو ٿا (تڏھن) اوھان جو (سڏ) ٻُڌن ٿا ڇا؟

تَدْعُوْنَ ﴿٧٢﴾ اَوْ يَنْفَعُوْنَكُمْ اَوْ يَضُرُّوْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا
سڏ ٿا ڪريو؟ يا فائدو ڏين ٿا توھان کي يا نقصان ڏين ٿا؟ چيائون نہ پر لڌوسون پنھنجن وڏن کي
يا اوھان کي سک پھچائيندا آھن يا ڏک ڏيندا آھن؟. چيائون (نہ!) بلڪ پنھنجن پيءُ ڏاڏن کي

كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿٧٥﴾ اَنْتُمْ وَ
ائين ڪندا ھئا. چيائين ڇا پوءِ خبر اٿو جنھن جي عبادت ڪريو ٿا. توھان ۽
ائين ڪندو ڏٺوسون. ابراھيم چيو تہ، (انھن کي) ڏٺو اٿوَ جن کي پوڄيندا رھيؤ؟ اوھين ۽

اٰبَآؤُكُمُ الْاَقْدَمُوْنَ ﴿٧٦﴾ فَاِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّيْٓ اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٧﴾
توھان جا ابا ڏاڏا اڳيان. پوءِ بيشڪ اھي دشمن آھن منھنجا سواءِ رب العالمين جي.
اوھان جا اڳيان ابا ڏاڏا. بيشڪ اھي جھانن جي پالڻھار کان سواءِ منھنجا ويري آھن.

الَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ يَهْدِيْنِ ﴿٧٨﴾ وَالَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِ ﴿٧٩﴾
جنھن پيدا ڪيو مون کي پوءِ اھو رستو ڏيکاري ٿو مونکي. ۽ اھو ئي کارائي ٿو مون کي ۽ پياري ٿو مونکي.
جنھن مون کي پيدا ڪيو آھي، وري اُھوئي مون کي سڌو رستو ڏيکاريندو. ۽ اُھو آھي جو مون کي کارائيندو آھي ۽ پياريندو آھي.

وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿٨٠﴾ وَالَّذِيْ يُمِيْتُنِيْ ثُمَّ يُحْيِيْنِ ﴿٨١﴾
۽ جڏهن بيمار ٿيان ٿو تہ اهوئي شفا ڏئي ٿو مونکي. ۽ اهو ماريندو مونکي وري جياريندو مونکي.
۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان. تڏهن اهو ئي مون کي شفا ڏيندو آهي. ۽ اهو آهي جو مون کي ماريندو، وري اهوئي مون کي جياريندو.

وَالَّذِيْٓ اَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لِيْ خَطِيْٓـئَتِيْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٨٢﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ
۽ اهو جو اميد رکان ٿو تہ بخشيندو مونکي منهنجي خطا قيامت جي ڏينهن. اي منهنجا رب عطا ڪر مونکي
۽ اهو آهي جو آسرو اٿم تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون مون کي بخشيندو. اي منهنجا پالڻهار! مون کي

حُكْمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَاجْعَلْ لِّيْ لِسَانَ صِدْقٍ
علم ۽ ملاءِ مون کي صالحن سان. ۽ ڪر منهنجي لاءِ پچار چڱي
دانائي بخش ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪر. ۽ پوين ۾ منهنجي چڱي يادگيري (قائم) ڪر.

فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿٨٤﴾ وَاجْعَلْنِيْ مِنْ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ ﴿٨٥﴾ وَاغْفِرْ لِاَبِيْٓ
پوين ۾. ۽ ڪر مونکي وارث بهشت نعمت واري جو. ۽ بخش منهنجي پيءُ کي
۽ مون کي نعمت واري بهشت جي وارثن مان ڪر. ۽ منهنجي پيءُ کي بخش

اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٨٦﴾ وَلَا تُخْزِنِيْ يَوْمَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٨٧﴾ يَوْمَ لَا
بيشڪ اهو آهي گمراهن مان. ۽ نہ خوار ڪر مونکي جنهن ڏينهن مئا اٿاربا. تنهن ڏينهن نہ
جو اهو گمراهن مان آهي. ۽ جنهن ڏينهن (ماڻهو جيئرا ٿي) اٿندا (تنهن ڏينهن) مون کي خوار نہ ڪج. جنهن

يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ﴿٨٨﴾ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿٨٩﴾ وَاُزْلِفَتِ
نفعو ڏيندو مال ۽ نڪي اولاد. مگر جو آيو الله وٽ دل سالم سان. ۽ ويجهو ڪيو ويندو
ڏينهن نڪي مال ۽ نڪي پٽ نفعو ڏيندا. پر اهو (فائدي وارو هوندو) جو الله وٽ سالم دل آڻيندو. ۽

الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٩٠﴾ وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ﴿٩١﴾ وَقِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا
بهشت پرهيزگارن لاءِ ۽ ظاهر ڪيو ويندو دوزخ گمراهن لاءِ. ۽ چيو ويندو انهن کي ڪٿي آهن اهي
پرهيزگارن لاءِ بهشت ويجهو ڪيو ويندو. ۽ گمراهن لاءِ دوزخ ظاهر ڪيو ويندو. ۽ کين چيو ويندو تہ اهي ڪٿي

كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿٩٢﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿٩٣﴾
جن جي توهان پوڄا ڪندا هئا. الله کان سواءِ، ڇا مدد ڪن ٿا توهان جي يا پلؤ وٺن ٿا.
آهن، جن کي پوڄيندا هيؤ؟. الله کان سواءِ؟ (هاڻي) اهي اوهان کي مدد ڏين ٿا ڇا يا (پاڻ) بدلو وٺي سگهن ٿا؟.

فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا هُمْ وَالْغَاوٗنَ ﴿٩٤﴾ وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ﴿٩٥﴾ قَالُوْا
پوءِ اونڌا اڇليا ويندا ان ۾ اهي ۽ سڀ گمراهہ. ۽ لشڪر ابليس جا سارا. چوندا
پوءِ اهي گمراهہ (پوڄيندڙ) ۽ بت منجهس اونڌا ڪري اڇليا ويندا. ۽ مڙيئي شيطاني لشڪر بہ (اڇلائبا).

وَهُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٦﴾ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٧﴾ اِذْ
۽ اهي اتي جهيڙو ڪندا. قسم خدا جو بيشڪ هئاسون گمراهي پڌري ۾. جڏهن
۽ (تڏهن) اهي منجهس هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪندي پيا چوندا. ته الله جو قسم آهي! بيشڪ! سين ته پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هئاسون. جڏهن
نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَمَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾ فَمَا لَنَا
برابر پيا ڪريون توهان کي رب العالمين سان. ۽ نه گمراهه ڪيو اسان کي مگر ڏوهارين. پوءِ ناهي اسان جو
اوهان کي جهانن جي پالڻهار سان برابر ٿي ڪيوسون. ۽ (هنن) مجرمن کان سواءِ ٻئي ڪنهن اسان کي گمراه نه ڪيو. پوءِ اسان جو (هاڻي) نڪو
مِنْ شَافِعِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ
ڪوئي سفارش ڪندڙ. ۽ نڪو دوست مهربان. پوءِ جيڪر ٿئي اسان جو موٽڻ ته ٿيون
ڪو سفارش ڪرڻ وارو آهي. ۽ نڪو ڪو غمخوار دوست آهي. پوءِ جيڪر هڪ ڀيرو اسان کي (وري دنيا ۾ وڃڻ)
مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ
ايمان وارن مان. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي، ۽ ناهن گهڻا انهن مان
ملي ته مومنن مان ٿيون!. بيشڪ ان ۾ ضرور نشاني آهي، ۽ انهن مان گهڻا مومن نه آهن.
مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ ع كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ع
ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو قوم نوح
۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي. نوح جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو؛
ِۨ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٥﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اِنِّيْ لَكُمْ
جي رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندس ڀاءُ نوح ڇا نه ٿا ڊڄو. آءٌ توهان جو
جڏهن کين سندن ڀاءُ نوح چيو ته، (الله کان) ڇو نه ٿا ڊڄو؟ بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ
رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٨﴾ وَمَآ اَسْــَٔـلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ
رسول امانت وارو آهيان. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو. ۽ نه ٿو گهران آءٌ توهان کان ان تي ڪا
امين پيغمبر آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. ۽ اوهان کان ان (پيغام جي پهچائڻ) تي ڪو اجورو نه
اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١١٠﴾ ط
مزوري، ناهي مزوري منهنجي مگر پاليندڙ جهانن جي تي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي.
ٿو گهران، منهنجو اجورو ته رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو.
قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَاتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ﴿١١١﴾ ط قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا
چيائون ڪيئن مڃون توکي ۽ ڪيڙ لڳا آهن تنهنجي نيچ ماڻهو. چيائين ۽ ڪهڙي خبر مونکي ان جي جيڪي
چيائون ته توتي ايمان ڇو آڻيون؟ ۽ حالانڪ نيچ ماڻهن (ڪنهن دنياوي لالچ لاءِ) تنهنجي تابعداري ڪئي آهي. (نوح) چيو ته.

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٢﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَ

اهي ڪم ڪن ٿا. ناهي حساب انهن جو پر منهنجي رب تي جيڪڏهن توهان سمجھ رکو ٿا. ۽

مون کي ڪهڙي سُڌ تہ (هو) ڇا (نيت) ڪندا رهيا آهن؟ جيڪڏهن اوهين سمجھ وارا آهيو تہ. سندن حساب منهنجي پالڻهار کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نہ آهي.

مَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٤﴾ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٥﴾ قَالُوْا لَئِنْ

ناهيان آءٌ تڙيندڙ ايمان وارن کي. رڳو آءٌ آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو. چيائون جيڪڏهن

۽ آءٌ مومنن کي تڙڻ وارو نہ آهيان. آءٌ تہ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. چيائون تہ. اي نوح! جيڪڏهن

لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿١١٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوْمِيْ

نہ مڙندين اي نوح تہ ضرور ٿيندين سنگسارن مان. چيائين اي منهنجا رب منهنجي قوم

تون نہ رهندين تہ ضرور سنگسار ٿيندين. (نوح) چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منهنجيءَ قوم مون کي

كَذَّبُوْنِ ﴿١١٧﴾ فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّنَجِّنِيْ وَمَنْ مَّعِيَ مِنَ

ڪوڙو ڪيو مون کي. پوءِ فيصلو ڪر منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ پورو فيصلو ۽ بچاءِ مونکي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن

ڪوڙو ڄاتو. تنهن ڪري منهنجي ۽ سندن وچ ۾ چڱيءَ طرح فيصلو ڪر ۽ مون کي ۽ جيڪي مومن مون ساڻ آهن، تن

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾ ثُمَّ

مومن. پوءِ بچايوسون ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا ٻيڙي ڀريل ۾. پوءِ

کي بچاءِ. پوءِ کيس ۽ سندس سنگتين کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ بچايوسون. وري ڪانئن

اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِيْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

ٻوڙيوسون ان کان بعد باقي رهندڙن کي. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي، ۽ نہ هئا اڪثر انهن جا

پوءِ رهيلن کي ٻوڙيوسون. بيشڪ ان ۾ وڏي نشاني آهي، ۽ انهن مان گهڻا مڃيندڙ نہ هئا.

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٢﴾ كَذَّبَتْ عَادُ

ايمان وارا. ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي زبردست رحم وارو آهي، ڪوڙو ڪيو عاد

۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي. عاد (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو.

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اِنِّيْ لَكُمْ

رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ هود ڇا نہ ٿا ڊڄو. آءٌ توهان جو

جڏهن سندن ڀاءُ هود کين چيو تہ، (الله کان) ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ بيشڪ آءٌ اوهان جو

رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾ وَمَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ

رسول آهيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو. ۽ نٿو گهران آءٌ توهان کان ان تي

امين پيغمبر آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. ۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام) پهچائڻ تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران.

النصف

ع ٦
١٠

مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ
مزوري، رڳو منهنجي مزوري آهي جهانن جي پالڻهار تي. ڇا ٺاهيو ٿا هر مٿاهين تي
منهنجو اجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي. سيڪنهن دڙي تي اجايا مشغول ٿي نشان ڇو ٺاهيندا آهيو؟

اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَاِذَا
مينار اجايا. ۽ ٺاهيو ٿا ڪارخانا شايد توهان هميشه رهندؤ. ۽ جڏهن
۽ (ڇو) پڪيون ماڙيون ٺاهيندا آهيو؟ ڄڻڪ اوهين سدائين رهندؤ؟ ۽ جڏهن اوهين دست درازي ڪندا

بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَاتَّقُوا
هٿ ڳنڊيو ٿا تہ هٿ ڳنڊيو ٿا سرڪش ٿي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي. ۽ ڊڄو
آهيو (تڏهن) زبردست ٿي دست درازي ڪندا آهيو. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو. ۽ اُنهيءَ (الله) کان ڊڄو جنهن

الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَجَنّٰتٍ
انهي کان جنهن ڏنو توهان کي جيڪي ڄاڻو ٿا ڏنائين توهان کي چوپايا مال ۽ پٽ. ۽ باغ
اوهان کي اُنهيءَ (شيءِ) جي مدد ڏني جا (اوهين) ڄاڻندا آهيو. اوهان کي ڍورن ۽ پٽن (ڏيڻ) سان مدد ڏني اٿس. ۽ باغن

وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ
۽ چشما. آءٌ خوف ٿو ڪيان توهان تي عذاب کان وڏي ڏينهن جي. چيائون هڪجهڙو آهي
۽ (پاڻي جي) چشمن (ڏيڻ) سان بہ. بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو. چيائون تہ.

عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ
اسان لاءِ تون نصيحت ڪرين يا نہ ٿئين نصيحت ڪندڙ. ناهي اها مگر عادت
(جي) تون (اسان کي) نصيحت ڏين يا نصيحت ڏيندڙن مان نہ هجين تہ اسان لاءِ هڪجهڙو آهي. اها اڳين جي ئي عادت آهي.

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ۭ اِنَّ
اڳين ماڻهن جي. ۽ ناهيون اسين عذاب ڪيل. پوءِ ڪوڙو ڪيائون انهي کي پوءِ هلاڪ ڪيوسون انهن کي، بيشڪ
۽ اسين (ڪڏهن) عذاب ڪيل نہ ٿينداسون. پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون تنهن ڪري کين هلاڪ ڪيوسون. بيشڪ ان

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ
انهي ۾ آهي نشاني، ۽ نہ هئا گهڻا انهن جا ايمان وارا. ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي اهو زبردست
(قصي) ۾ نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نہ هئا. ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب

الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ ع ٨
رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو ثمود رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ صالح
مهربان آهي. ثمود (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو. جڏهن کين سندن ڀاءُ صالح چيو تہ.

اَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۴۲﴾ اِنِّیۡ لَکُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِیۡنٌ ﴿۱۴۳﴾ فَاتَّقُوا اللّٰہَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۱۴۴﴾ وَ

چانه تا ڊڄو؟ آءٌ توهان جو رسول آهيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو. ۽

(الله کان) ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. ۽

مَاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ عَلَیۡہِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۴۵﴾

نه ٿو گهران مان توهان کان ان تي ڪا مزدوري، منهنجي مزوري آهي رب العالمين تي.

آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نه ٿو گهران، منهنجو اجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.

اَتُتۡرَکُوۡنَ فِیۡ مَا ہٰہُنَاۤ اٰمِنِیۡنَ ﴿۱۴۶﴾ فِیۡ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوۡنٍ ﴿۱۴۷﴾ وَّ زُرُوۡعٍ

ڇا توهان ڇڏيا ويندؤ هتان جي شين ۾ امن سان. باغن ۾ ۽ چشمن ۾ ۽ پوکن ۾

اهو جيڪي هتي (دنيا ۾) آهي، تنهن ۾ اوهان کي بي پئو ڇڏي ڏبو ڇا (ته هميشه آرام ۾ رهو)؟. باغن ۾ ۽ چشمن ۾.

وَّ نَخۡلٍ طَلۡعُہَا ہَضِیۡمٌ ﴿۱۴۸﴾ وَ تَنۡحِتُوۡنَ مِنَ الۡجِبَالِ بُیُوۡتًا فٰرِہِیۡنَ ﴿۱۴۹﴾

۽ کجين ۾ جن جا ڇڳا ڳتل آهن. ۽ گهڙيو ٿا جبلن ۾ گهر ڪاريگر ٿي.

۽ پوکن ۽ کجين ۾ جن جاگوشا ڪونشا آهن. ۽ ڪاريگر ٿي جبلن مان (تراشي) گهر ٺاهيندا آهيو.

فَاتَّقُوا اللّٰہَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۱۵۰﴾ وَ لَا تُطِیۡعُوۡۤا اَمۡرَ الۡمُسۡرِفِیۡنَ ﴿۱۵۱﴾ الَّذِیۡنَ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو وٺو منهنجو. ۽ نه مڃيو حڪم حد کان لنگهندڙن جو. جيڪي

پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. ۽ انهن حد کان لنگهندڙن جو چيو نه مڃو. جيڪي

یُفۡسِدُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا یُصۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۲﴾ قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مِنَ

وڳوڙ وجهن ٿا ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه ٿا ڪن. چيائون رڳو تون آهين

ملڪ ۾ بگيڙ وجهندا آهن ۽ سڌارو نه ڪندا آهن. چيائون ته، تون رڳو جادو ڪيلن مان آهين.

الۡمُسَحَّرِیۡنَ ﴿۱۵۳﴾ مَاۤ اَنۡتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا ۚۖ فَاۡتِ بِاٰیَۃٍ اِنۡ کُنۡتَ

جادو ڪيل. نه آهين تون مگر ماڻهو اسان جهڙو، پوءِ آڻ نشاني جيڪڏهن آهين

تون رڳو اسان جهڙو ماڻهو آهين، جيڪڏهن تون سچن مان آهين ته ڪا نشاني آڻ.

مِنَ الصّٰدِقِیۡنَ ﴿۱۵۴﴾ قَالَ ہٰذِہٖ نَاقَۃٌ لَّہَا شِرۡبٌ وَّ لَکُمۡ شِرۡبُ یَوۡمٍ مَّعۡلُوۡمٍ ﴿۱۵۵﴾

تون سچو. چيائين هي ڏاچي آهي جنهن لاءِ پيئڻ جو وارو آهي ۽ توهان لاءِ آهي وارو ڏينهن مقرر جو.

(صالح) چيو ته، هيءَ ڏاچي آهي، اُن جي (پاڻي) پيئڻ لاءِ ۽ اوهان جي (پاڻي) پيئڻ لاءِ واري جو ڏينهن مقرر ٿيل آهي.

وَ لَا تَمَسُّوۡہَا بِسُوۡٓءٍ فَیَاۡخُذَکُمۡ عَذَابُ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ﴿۱۵۶﴾ فَعَقَرُوۡہَا

۽ نه هٿ لايو ان کي ايذائڻ لاءِ پوءِ وٺندو توهان کي عذاب ڏينهن وڏي جو. پوءِ منڊو ڪيائون ان کي

۽ اوهين ڪيس ڪو ايذاءُ نه پهچائجو نه ته اوهان کي وڏي ڏينهن جو عذاب پڪڙيندو. پوءِ اُن جون

فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ﴿١٥٧﴾ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ

پوءِ ٿيا ‏ پشيمان. ‏ پوءِ ورتو انهن کي ‏ عذاب، ‏ بيشڪ ‏ انهيءَ ۾ آهي ‏ نشاني، ‏ ۽

ڪُچون ڪپيائون (۽ ماري وڌائون) پوءِ پشيمان ٿيا. پوءِ کين عذاب پڪڙيو. بيشڪ ان ۾ نشاني آهي،

مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٨﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٥٩﴾ كَذَّبَتْ ع ١٩/١٢

ناهن ‏ گهڻا انهن جا ‏ مڃيندڙ. ‏ ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبرست ‏ رحم وارو آهي. ‏ ڪوڙو ڪيو

۽ منجهائن گهڻا مڃڻ وارا نه هئا. ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.

قَوْمُ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٦٠﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ لُوْطٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٦١﴾

قوم ‏ لوط ‏ جي رسولن کي. ‏ جڏهن چيو ‏ انهن کي ‏ سندن ڀاءُ ‏ لوط ‏ ڇا نه ‏ ٿا ڊڄو.

لوط جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو. جڏهن کين سندن ڀاءُ لوط چيو ته، (الله کان) ڇو نه ڊڄندا آهيو؟

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٦٢﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٦٣﴾ وَمَآ اَسْئَلُكُمْ

آءٌ آهيان توهان جو ‏ رسول ‏ امانت وارو. ‏ پوءِ ڊڄو ‏ الله کان ‏ ۽ چيو ونئو منهنجو ‏ ۽ آءٌ نه ‏ ٿو گهران توهان کان

بيشڪ آءٌ اوهان جو امين پيغمبر آهيان. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. ۽ اُن (پيغام پهچائڻ) تي اوهان کان

عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٤﴾ اَتَاْتُوْنَ الذُّكْرَانَ

ان تي ‏ ڪا مزوري، ‏ ناهي مزوري منهنجي ‏ مگر ‏ رب العالمين تي. ‏ ڇا اچو ٿا ‏ نَرن ڏانهن

ڪو اجورو نه ٿو گهران. منهنجو اجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي. دنيا جهان جي نرن ڏانهن (بڇڙائيءَ لاءِ) ڇو ويندا آهيو؟

مِنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٥﴾ وَتَذَرُوْنَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ

جهان وارن مان. ‏ ۽ ڇڏيو ٿا اهو ‏ جيڪي ‏ پيدا ڪيون ‏ توهان لاءِ ‏ توهان جي رب ‏ عورتون، ‏ پر ‏ توهان

۽ جيڪي اوهان جي پالڻهار اوهان لاءِ اوهان جون زالون خلقيون آهن تن کي ڇو ڇڏيندا آهيو؟ بلڪ اوهين

قَوْمٌ عٰدُوْنَ ﴿١٦٦﴾ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِيْنَ ﴿١٦٧﴾

ماڻهو آهيو حد لتاڙيندڙ. ‏ چيائون جيڪڏهن نه مڙندين ‏ اي لوط ‏ ته ضرور ٿيندين ‏ نيڪالي ڏنلن مان.

حد کان لنگهندڙ قوم آهيو. چيائون ته، اي لوط! جيڪڏهن نه رهندين ته ضرور لوڏائبين.

قَالَ اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ ﴿١٦٨﴾ رَبِّ نَجِّنِيْ وَاَهْلِيْ مِمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٩﴾

چيائين ‏ آءٌ ‏ توهان جي انهيءَ عمل تي ‏ سخت رنج آهيان. ‏ اي منهنجا رب ‏ نجات ڏي مونکي ‏ ۽ منهنجي گهروارن کي انهي کان جو ‏ اهي ڪن ٿا.

لوط چيو ته بيشڪ آءٌ اوهان جي ڪم کان رنج آهيان. اي منهنجا پالڻهارا جيڪي (هو) ڪندا آهن، تنهن جي شر کان مون کي ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين کي بچاءِ.

فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٧٠﴾ اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا

پوءِ بچايوسون انکي ‏ ۽ سندس گهروارن ‏ سڀني کي. ‏ مگر ‏ هڪ پوڙهي ‏ ٿي پوئتي رهندڙن ۾. ‏ پوءِ ‏ تباهه ڪيوسون

پوءِ کيس ۽ سندس مڙني ڀاتين کي بچايوسون. سواءِ (هڪڙيءَ) ٻڍڙيءَ زال جي جا رهيلن مان هئي. وري (اُنهن) ٻين جي پاڙ پٽي سون.

الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٧٢﴾ وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٣﴾
ٻين کي. ۽ وسايوسون انھن تي مينھن، پوءِ بڇڙو آھي مينھن ڊيڄاريلن جو.
۽ مٿن (ٻيھڙن جو) مينھن وسايوسون، پوءِ ڊيڄاريلن جو مينھن بڇڙو آھي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ
بيشڪ آھي انھي ۾ نشاني، ۽ ناھن گھڻا انھن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنھنجو رب
بيشڪ ھن ۾ وڏي نشاني آھي، ۽ منجھانئن گھڻا مڃڻ وارا نہ ھئا. ۽ بيشڪ تنھنجو پالڻھار

لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٧٥﴾ كَذَّبَ اَصْحٰبُ لْــَٔيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧٦﴾ اِذْ قَالَ
ئي زبردست مھربان آھي. ڪوڙو ڪيو جھنگل وارن رسولن کي. جڏھن چيو
ئي غالب مھربان آھي. (شھر) ايڪہ وارن پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو. جڏھن کين شعيب چيو تہ

لَهُمْ شُعَيْبٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٧٨﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ
انھن کي شعيب ڇا نہ ٿا ڊڄو. آءٌ آھيان توھان جو رسول امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان
(الله کان) ڇو نہ ٿا ڊڄو؟ بيشڪ آءٌ اوھان لاءِ امين پيغمبر آھيان. پوءِ الله کان ڊڄو

وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٧٩﴾ وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا
۽ چيو وٺو منھنجو. ۽ آءٌ نہ ٿو گھران توھان کان ان تي مزوري، ناھي منھنجي مزوري مگر
۽ منھنجو چيو مڃو. ۽ آءٌ اوھان کان اُن (پيغام پھچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گھران، منھنجو اجورو رڳو

عَلٰي رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٠﴾ ۭ اَوْفُوا الْكَيْلَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِيْنَ ﴿١٨١﴾ ۚ وَزِنُوْا
رب العالمين تي. پوري پوري ماپي ڪيو ۽ نہ ٿيو گھٽ ڏيندڙن مان. ۽ توريو
جھانن جي پالڻھار تي آھي. ماڻ پورو پورو ڪيو ۽ ڪس لائيندڙن مان نہ ٿيو ۽ سنئين

بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ﴿١٨٢﴾ ۚ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا
تارازيءَ پوريءَ سان. ۽ نہ ڪتائي ڏيو ماڻھن کي انھن جون شيون ۽ نہ ڪريو
تارازيءَ سان توريو. ۽ ماڻھن کي سندن شيون گھٽ نہ ڏيو ۽ ملڪ ۾

فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿١٨٣﴾ ۚ وَاتَّقُوا الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَالْجِبِلَّةَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٨٤﴾ ۭ
ملڪ ۾ فساد. ۽ ڊڄو انھي کان جنھن پيدا ڪيو توھان کي ۽ مخلوق اڳين جي.
فسادي ٿي بگيڙ نہ وجھو. ۽ انھيءَ (الله) کان ڊڄو جنھن اوھان کي ۽ اڳين خلق کي خلقيو.

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿١٨٥﴾ ۙ وَمَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَاِنْ
چيائون رڳو تون آھين جادو ڪيل. ۽ ناھين تون مگر ماڻھو اسان جھڙو ۽ اسين
چيائون تہ تون رڳو جادو ڪيلن مان آھين. ۽ تون رڳو اسان جھڙو ماڻھو آھين. ۽ بيشڪ

نَظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿١٨٦﴾ فَاَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ

پائيون ٿا توکي ڪوڙو. سو ڪيراءِ اسان تي ڪو ٽڪرو آسمان جو جيڪڏهن

اسين توکي ڪوڙن مان ڀائيندا آهيون. جيڪڏهن تون سچن مان آهين ته اسان تي آسمان مان ڪا چپ ڪيراءِ.

كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ

آهين تون سچو. چيائين منهنجو رب زياده ڄاڻي ٿو اُن کي جيڪي توهان ڪريو ٿا. پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي

(شعيب) چيو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو، سو منهنجو پالڻهار چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي. پوءِ ان کي ڪوڙو ڀانيائون.

فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٨٩﴾

پوءِ ورتو انهن کي عذاب ڇانوريءَ واري ڏينهن، بيشڪ اهو هئو عذاب وڏي ڏينهن جو.

تنهن ڪري ڇانوري واري ڏينهن جي عذاب کين پڪڙيو، بيشڪ اهو وڏي ڏينهن جو عذاب هو.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ

يقينن انهي ۾ آهي نشاني، ۽ نه هئا گهڻا انهن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب

بيشڪ هن (احوال) ۾ (وڏي) نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نه هئا. ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار

لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٩١﴾ وَاِنَّهٗ لَتَنْزِيْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٩٢﴾ نَزَلَ بِهِ ١٠ ع ١٦ ١٢

زبردست مهربان آهي. ۽ بيشڪ هي قرآن نازل ڪيل آهي پروردگار جهانن جو. لاٿو ان کي

ئي غالب مهربان آهي. ۽ بيشڪ اهو (قرآن) جهانن جي پالڻهار کان لاٿل آهي. اُن کي

الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ ﴿١٩٣﴾ عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ﴿١٩٤﴾ بِلِسَانٍ

ملڪ جبرئيل، تنهنجي دل تي جيئن ٿئين تون ڊيڄاريندڙن مان. ٻولي

روح الامين (يعني جبرائيل) لاٿو. تنهنجيءَ دل تي، (هن لاءِ) ته ڊيڄاريندڙن مان ٿئين. (جو)

عَرَبِيٍّ مُّبِيْنٍ ﴿١٩٥﴾ وَاِنَّهٗ لَفِيْ زُبُرِ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٩٦﴾ اَوَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ اٰيَةً

عربي چٽيءَ سان. ۽ بيشڪ اهو آهي ڪتابن اڳين جي ۾. ڇا ناهي انهن لاءِ هي نشاني

پڌريءَ عربيءَ ٻوليءَ ۾ آهي. ۽ بيشڪ سندس خبر اڳين صحيفن ۾ (لکيل) آهي. انهن لاءِ (اها) نشاني نه آهي ڇا ته.

اَنْ يَّعْلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٩٧﴾ وَلَوْ نَزَّلْنٰهُ عَلٰى بَعْضِ

جو ڄاڻن ٿا انهي کي پڙهيل بني اسرائيل جا. ۽ جيڪڏهن نازل ڪريون ها ان کي ڪنهن

بني اسرائيلن جا عالم اُن (جي حقانيت) ڄاڻن ٿا؟. ۽ جيڪڏهن قرآن کي (عربن کان سواءِ ٻئي) ڪنهن عجميءَ تي نازل ڪريون ها.

الْاَعْجَمِيْنَ ﴿١٩٨﴾ فَقَرَاَهٗ عَلَيْهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٩﴾ كَذٰلِكَ سَلَكْنٰهُ

ٻي ٻولي واري تي. پوءِ پڙهي ها ان کي انهن تي ته نه ٿين ها ان کي مڃيندڙ. اهڙي طرح وڌوسون اهو (انڪار)

پوءِ اُهو مٿن پڙهي ها ته ان کي (به) مڃڻ وارا نه ٿين ها. اهڙيءَ طرح گنهگارن جي

فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۞٢٠٠ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ۞٢٠١

ڏوهارين جي دلين ۾. اهي نہ مڃيندا. ان کي جيستر ڏسن عذاب دردناڪ.

دلين ۾ اهو (انڪار) وڌوسون. اُن تي (ايسين) ايمان نہ آڻيندا. جيسين ڏکوئيندڙ عذاب (نہ) ڏسندا.

فَيَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۞٢٠٢ فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ ۞٢٠٣

پوءِ ايندو انهن وٽ اوچتو ۽ خبر ئي نہ پوندن، پوءِ چوندا ڇا اسان کي مهلت ملندي.

پوءِ اوچتو وٽن عذاب ايندو ۽ اهي بيخبر هوندا. پوءِ چوندا تہ اسين مهلت ڏنل ٿينداسون ڇا؟

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ۞٢٠٤ اَفَرَءَيْتَ اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ۞٢٠٥ ثُمَّ جَآءَهُمْ

ڇا پوءِ اهي اسان جي عذاب کي تڪڙو ٿا گهرن. ڇا پوءِ تو ڏٺو تہ جيڪڏهن نفعو ڏيون انهن کي ڪيئي سال. وري اچي انهن وٽ

پوءِ ڇو اسان جو عذاب تڪڙو گهرندا آهن؟ پوءِ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ تہ جيڪڏهن کين ڪيئي ورهيہ عيش ڪرڻ (جي مهلت) ڏيون.

مَّا كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ۞٢٠٦ مَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ۞٢٠٧ وَمَآ اَهْلَكْنَا

اهو عذاب جنهن جو کين وعدو ڪيل هئو. تہ ڪهڙي ڪم ايندو انهن کي سندن نفعي وارو هجڻ. ۽ اسان نہ هلاڪ ڪيو آهي

وري وٽن اهو اچي جنهن جو انجام ڏنو پئي وين. تہ سندن آسودو هجڻ ڪائڻ ڪجهہ نہ بہ ٽاريندو!. ۽ اهڙي ڪنهن

مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ ۞٢٠٨ ذِكْرٰى وَمَا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۞٢٠٩ وَمَا

ڪنهن ڳوٺ کي مگر ان لاءِ هوندا آهن ڊيڄاريندڙ. ياد ڏيارڻ لاءِ، ۽ نہ آهيون اسين ظلم ڪندڙ. ۽ نہ

ڳوٺ کي ناس نہ ڪيوسون، جنهن لاءِ ڊيڄاريندڙ (نہ) هئا. نصيحت ڏيڻ لاءِ، ۽ اسين ظالم نہ هياسون. ۽

تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيٰطِيْنُ ۞٢١٠ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ وَمَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ۞٢١١ اِنَّهُمْ

لاٿو آهي قرآن کي شيطانن. ۽ ناهي اها حيثيت انهن کي ۽ نہ ڪري سگهندا. يقينن اهي

اُن (قرآن) کي شيطانن نازل نہ ڪيو آهي. ۽ نکي کين جڳائيندو آهي ۽ نکي ڪري سگهندا آهن. بيشڪ اهي

عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ۞٢١٢ فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ

ٻڌڻ کان پاسي ڪيل آهن. سو تون نہ سڏجانءِ الله سان گڏ ٻي خدا کي پوءِ ٿيندين

(ملائڪن جي ڪلام) ٻڌڻ (جي جاءِ) کان پري ڪيل آهن. تنهن ڪري الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ سڏ نہ تہ

مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ۞٢١٣ وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ۞٢١٤ وَاخْفِضْ

عذاب وارن مان. ۽ ڊيڄار پنهنجن مائٽن ويجهن کي. ۽ جهڪاءِ

عذاب وارن مان ٿيندين. ۽ پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڊيڄار. ۽ مؤمنن مان جيڪو تنهنجي

جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۞٢١٥ فَاِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ

پنهنجي ٻاجهہ جا پر انهن لاءِ جيڪي تنهنجا تابع ٿيا ايمان وارا. پوءِ جيڪڏهن بي فرماني ڪن تنهنجي تہ چؤ

تابعداري ڪري، تنهن لاءِ پنهنجو ٻازو جهڪو ڪر (يعني نرمي ڪر). پوءِ جيڪڏهن تنهنجي نافرماني ڪن تہ

ع عند المتقدمين ١٢

اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ وَتَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِيْ

آءٌ بيزار آهيان ان کان جيڪي توهان ڪيو ٿا. ۽ تون ڀروسو ڪر انهي زبردست رحم واري تي. جيڪو

چئو ته، جيڪي ڪندا آهيو. تنهن کان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان. ۽ انهيءَ غالب مهربان (الله) تي ڀروسو ڪر. جيڪو

يَرٰىكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ وَتَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾

ڏسي ٿو توکي جڏهن اٿندو آهين. ۽ تنهنجي اٿڻ ويهڻ کي سجدي ڪندڙن ۾. بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

(تهجد وقت) تنهنجي اٿڻ مهل توکي ڏسي ٿو. ۽ سجدي ڪندڙن ۾ تنهنجو ڦرڻ به ڏسي ٿو. بيشڪ اُهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢٢١﴾ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ

ڇا آءٌ ٻڌايان توهان کي ته ڪنهن تي لهندا آهن شيطان. لهندا آهن هر ڪوڙ هڻندڙ

اوهان کي سُڌ (نه) ڏيان ڇا ته ڪنهن تي شيطان لهندا آهن؟. سڀڪنهن ٻتاڪيءَ گنهگار تي لهندا آهن.

اَثِيْمٍ ﴿٢٢٢﴾ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَاَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾ وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾

ڏوهاري تي. اهي آڇين ٿا ٻڌل ڳالهه ۽ اڪثر انهن جا ڪوڙا آهن. ۽ شاعر، ڪيڏ لڳندا آهن انهن جي گمراهه.

جو ٻُڌل (ڳالهه اُن جي ڪَن ۾ آڇي) وجهندا آهن ۽ منجهانئن گهڻا ڪوڙا آهن. ۽ گمراهه (ماڻهو) ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن.

اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾ وَاَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾

ڇا نه ڏٺو تو ته اهي هر ميدان ۾ ڀٽڪندا آهن. ۽ اهي چوندا آهن جيڪي ڪندا نه آهن.

نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته، اهي هر ميدان ۾ حيران ٿيندا آهن. ۽ بيشڪ اهي اهو چوندا آهن، جيڪي نه ڪندا آهن.

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّانْتَصَرُوْا مِنْۢ

مگر اهي شاعر جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم ۽ ياد ڪيائون الله کي تمام گهڻو ۽ پلؤ ورتائون هن

پر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ الله کي گهڻو سارايائون ۽ (پنهنجي) ڏکوئجڻ کان پوءِ بدلو ورتائون.

بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا ۭ وَسَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿٢٢٧﴾ ع ١٥

کان پوءِ جو مظلوم ٿيا، ۽ جلد ڄاڻندا جن ظلم ڪيو ته ڪهڙي جاءِ ڏي ٿا موٽن.

(اُهي گمراهه نه آهن). ۽ ظالم سگهوئي ڄاڻندا ته ڪهڙي موٽڻ جي هنڌ ورِي موٽندا!

سُوْرَةُ النَّمْلِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٩٣ رُكُوْعَاتُهَا ٧

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طٰسٓ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَكِتَابٍ مُّبِيْنٍ ﴿١﴾ هُدًى وَّبُشْرٰى

طس، هي آيتون قرآن ۽ ڪتاب واضح جون آهن هدايت ۽ دل جي خوشي آهن

طس، هي قرآن ۽ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن. اُهن مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهن.

لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ

ايمان وارن لاءِ. جيڪي پڙهندا آهن نماز ۽ ڏيندا آهن زڪوات ۽ اهي

جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت تي (بـ)

بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿۳﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمْ

آخرت تي يقين رکندا آهن. بيشڪ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي سينگاري ڏنا اٿئون انهن کي

يقين رکندا آهن. بيشڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن، تن لاءِ سندن ڪرتوت سينگاريا سون.

اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْعَذَابِ وَهُمْ

سندن ڪم پوءِ اهي دل جا انڌا آهن. اهي ئي آهن جن لاءِ بڇڙي نموني جو عذاب آهي ۽ اهي ئي

پوءِ اهي حيران رهندا آهن. اهي اهي آهن جن لاءِ عذاب جي سختي آهي، اهي

فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿۵﴾ وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ

آخرت ۾ وڏيڪ نقصان وارا آهن ۽ بيشڪ توکي ڏنو وڃي ٿو قرآن طرفان

ئي آخرت ۾ ٽوٽي وارا آهن. ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ توکي حڪمت واري ڄاڻندڙ (الله) وٽان قرآن ڏنو وڃي ٿو.

حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ﴿۶﴾ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ

حڪمت واري علم واري جي. جنهن وقت چيو موسيٰ پنهنجي گهروارن کي مون ڏٺي آهي باهه. اجهو آڻيان ٿو

(ياد ڪر!) جڏهن موسيٰ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيو ته، بيشڪ مون باهه ڏٺي آهي، اجهو اوهان وٽ

مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿۷﴾

اتان ڪا خبر يا آڻيان ٿو توهان وٽ اماڙي ٻريل ته توهان گرمي وٺو.

اتان ڪا خبر آڻيندس يا اوهان وٽ (ڪي) مَتل ٽانڊو آڻيندس ته مَنَ اوهين ڀاڻ سيڪيو.

فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَسُبْحٰنَ

پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ته آواز ٿيو ته برڪت وارو آهي اهو جيڪو باهه وٽ آهي ۽ جو ان جي چوڌاري آهي، ۽ پاڪ آهي

پوءِ جنهن مهل (باهه) وٽ آيو (تنهن مهل) سڏيو ويو ته جو باهه ۾ ۽ جو سندس چوگرد آهي، سو برڪت وارو ڪيو ويو آهي

اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸﴾ يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۹﴾

الله پروردگار جهانن جو. اي موسيٰ بيشڪ آءٌ آهيان الله زبردست حڪمت وارو.

۽ جهانن جو پالڻهار الله پاڪ آهي. (چيو ويو ته) اي موسيٰ! بيشڪ (ڳالهه هيءَ آهي ته) آءٌ الله غالب حڪمت وارو آهيان.

وَاَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ

۽ تون اڇلاءِ لٺ پنهنجي، پوءِ جڏهن ڏٺائين ته چري پئي جڻڪ اها سرنگهه آهي، ڦريو پٺي ڏئي ۽ نه واجهايائين پوئتي.

۽ پنهنجي لٺ کي اڇل، پوءِ جنهن مهل ان کي چُرندو ڏٺائين جڻڪ اها نانگ آهي (تنهن مهل) پٺي ڏيئي ڀڳو ۽ پوئتي نه موٽيو.

الثلثة

يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۫ اِنِّىْ لَا يَخَافُ لَدَىَّ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿١٠﴾ ۖ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ
اي موسيٰ نہ ڊڄ، بيشڪ نہ ڊڄندا آھن مون وٽ رسول. پر جنھن ظلم ڪيو
(چيوسون تہ) اي موسيٰ! نہ ڊڄ! بيشڪ مون وٽ پيغمبر نہ ڊڄندا آھن. پر جنھن ظلم ڪيو وري مدائيءَ ڪان پوءِ

ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًا ۢ بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّىْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١﴾ وَاَدْخِلْ يَدَكَ
پوءِ وري ڪيائين چڱائي برائي ڪان پوءِ تہ بيشڪ آءٌ بخشيندڙ مھربان آھيان. ۽ وجھ ھٿ پنھنجو
مٽائي چڱائي ڪيائين تہ بيشڪ (انھيءَ لاءِ) آءٌ بخشڻھار مھربان آھيان. ۽ پنھنجو ھٿ پنھنجي گريبان ۾ گھيڙ تہ

فِىْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۫ فِىْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ
پنھنجي گريبان ۾ تہ نڪرندو روشن ٿي بنا عيب جي، نون نشانين ۾ فرعون
بي عيب چمڪندڙ ٿي نڪري (انھن ٻن معجزن سان) جي نون معجزن ۾ (داخل) آھن. فرعون ۽ سندس قوم ڏانھن (وڃ).

وَقَوْمِهٖ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿١٢﴾ فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً
۽ سندس قوم ڏانھن. بيشڪ اھي آھن ماڻھو بي فرمان. پوءِ جڏھن آيون انھن وٽ اسان جون نشانيون چٽيون
بيشڪ اھي بدڪار قوم آھن. پوءِ جنھن مھل اسان جون چٽيون نشانيون آيون وٽن پھتيون.(تنھن مھل) چيائون تہ

قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٣﴾ ۚ وَجَحَدُوْا بِهَا وَاسْتَيْقَنَتْهَآ اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا
چيائون ھي آھي جادو پڌرو. ۽ انڪار ڪيائون انھن جو حالانڪ مڃيو ھئو انھن کي سندن دلين، بي انصافي
ھيءَ پڌرو جادو آھي. ۽ بي انصافيءَ ۽ وڏائيءَ ڪان انھن (نشانين) جو انڪار ڪيائون. حالانڪ سندن دلين انھن کي پڪ ڄاتو

وَّعُلُوًّا ۭ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا ع ٤ / ١٦
۽ مغروري جي ڪري، پوءِ ڏس ڪيئن ٿيو انجام فسادين جو. ۽ اسان ڏنوسون
ھو (تہ الله جي طرف ڪان آيل آھن)، پوءِ ڏس تہ فسادين جي پڇاڙي ڪھڙيءَ طرح ٿي. ۽ بيشڪ دائود ۽ سليمان کي علم ڏنوسون

دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ عِلْمًا ۚ وَقَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ فَضَّلَنَا عَلٰى
داؤد ۽ سليمان کي علم، ۽ ٻنھي چيو شڪر آھي الله جو جنھن پلائي ڏني اسان کي
۽ ٻنھي چيو تہ، سڀ ساراھ انھيءَ الله کي جڳائي جنھن پنھنجن گھڻن مومن ٻانھن تي اسان

كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥﴾ وَوَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَقَالَ
ڪيترن پنھنجن ٻانھن ايمان وارن جي مٿان. ۽ وارث ٿيو سليمان داؤد جو ۽ چيائين
کي فضيلت ڏني آھي. ۽ سليمان داؤد جو وارث ٿيو ۽ چيائين تہ انسانو! اسان کي

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَاُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَىْءٍ ۭ اِنَّ
اي انسانو! سيکاريو ويو اسان کي گفتگو پکين جو ۽ ڏنو ويو اسان کي سڀ ڪنھن شيءِ مان، بيشڪ
پکين جي ٻولي سيکاري ويئي آھي ۽ اسان کي سڀڪا نعمت ڏني وئي آھي. بيشڪ

هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ⑯ وَحُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ

اهو تہ آهي فضل ظاهر ۽ گڏ ڪيو ويو سليمان لاءِ سندس لشڪر جنن

اهائي پڌري پلائي آهي. ۽ سليمان لاءِ جنن ۽ ماڻهن ۽ پکين مان سندس لشڪر گڏ ڪيا ويا.

وَالْاِنْسِ وَالطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ⑰ حَتّٰٓى اِذَآ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ

۽ ماڻهن ۽ پکين مان پوءِ اهي ٽولا ٽولا ڪيا ويندا هئا. نيت جڏهن آيا ڪولين جي ميدان ۾

پوءِ اهي لڳولڳ صفون ٻڌائي بيهاريا ويندا هئا. تان جو جڏهن ڪولين جي ميدان تي پهتا

قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰٓاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ

چيو ڪوليءَ اي ڪوليو! گهڙي وڃو پنهنجن برن ۾، تہ چيتاڙي نہ توهان کي سليمان

(تڏهن) هڪ ڪول چيو تہ، اي ڪولين! اوهين پنهنجن برڙن ۾ گهڙو تہ سليمان ۽ سندس لشڪر

وَجُنُوْدُهٗ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ⑱ فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَقَالَ

۽ ان جو لشڪر ۽ انهن کي خبر ئي نہ پوي. پوءِ مرڪيو کلندي ان جي ڳالهائڻ تي ۽ چيائين

پنهنجي بيخبريءَ ۾ اوهان کي نہ لتاڙين. پوءِ (سليمان) اُن جي ڳالهائڻ کان مُرڪي کِليو ۽ چيائين تہ

رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ

اي منهنجا رب دل ۾ وجهہ مونکي تہ شڪر ڪريان تنهنجي نعمت جو جا نعمت ڪئي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي

اي منهنجا پالڻهارا مون کي توفيق ڏي تہ تنهنجي اُنهن نعمتن جو شڪر ڪريان، جي مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيون

وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ

۽ عمل ڪريان چڱو جو تون راضي ٿئين ان کان ۽ داخل ڪر مونکي پنهنجي رحمت سان پنهنجن ٻانهن

اٿيئي ۽ (توفيق ڏينم) تہ اهڙا چڱا ڪم ڪريان جن کان تون راضي ٿئين ۽ مون کي پنهنجيءَ ٻاجهہ سان پنهنجن صالحن ٻانهن ۾ داخل ڪر.

الصّٰلِحِيْنَ ⑲ وَتَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ مَا لِيَ لَآ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ

صالحن ۾. ۽ جاچ ڪيائين پکين جي پوءِ چيائين ڇا ٿيو اٿم جو نہ ٿو ڏسان کاٽ کٽڙي کي يا آهي

۽ پکين جي جانچ پڙتال ڪيائين، پوءِ (هُد هُد کي نہ ڏسي ڪري) چيائين تہ، مون کي ڇا (ٿيو) آهي، جو هُد هُد نہ ٿو ڏسان يا

مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ⑳ لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاَاذْبَحَنَّهٗٓ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ

غير حاضرن مان. ضرور انکي سزا ڏيندس سزا تمام سخت يا ڪهي ڇڏيندس ان کي يا تہ آڻي مون وٽ

هو غيرحاضر آهي؟. ضرور سخت سزا ڏيندومانس يا ضرور ڪُهندوسانس يا مون وٽ ڪو پڌرو

بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ㉑ فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ

ڪو دليل چٽو. پوءِ دير نہ ڪيائين گهڻي جو اچي چيائين معلومات ڪئي اٿم اهڙي ناهي توکي خبر

دليل آڻي. پوءِ گهڻو نہ ترسيو تہ (اچي) چيائين تہ اهڙي خبر آندي اٿم جنهن جي توکي ڪا سُڌ نہ هئي

بِهٖ وَجِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ
جنهن جي آندي اٿم تو وٽ سبا کان هڪ خبر يقيني. بيشڪ آءٌ ڏسي آيو آهيان هڪ عورت جا پادشاهي ڪري ٿي انهن تي
۽ (شهر) سبا کان (هيءَ) پڪي خبر تو وٽ آندي اٿم. بيشڪ مون هڪ عورت ڏٺي جا انهن تي بادشاهي ٿي ڪري
وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا
۽ ڏني وئي آهي ان کي هرشيءِ ۽ انهي کي تخت آهي شاندار. ۽ ڏٺم ان کي ۽ سندس قوم کي
۽ کيس سڀ ڪا نعمت ڏني وئي آهي ۽ ان کي وڏو تخت (بہ) آهي. کيس ۽ سندس قوم کي
يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ
جو سجدو ٿا ڪن سج کي الله کي ڇڏي ۽ سينگاريو آهي انهن لاءِ شيطان سندن عملن کي
الله کان سواءِ سج جي پوڄا ڪندو ڏٺم ۽ شيطان انهن لاءِ سندن ڪرتوت سينگاريا آهن ۽ کين (الله جي) واٽ
فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ
پوءِ روڪيائين انهن کي راهہ کان پوءِ اهي نہ ٿا رستو لهن. تہ سجدو ڪن الله کي
کان جهليو اٿس، تنهن ڪري اهي هدايت نہ ٿا لهن. (اهي) انهيءَ الله کي سجدو ڇو نہ ٿا ڪن، جو آسمانن ۽
الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَ
جو ڪڍي ٿو لڪل شيءِ کي آسمانن ۽ زمين مان ۽ ڄاڻي ٿو اهو جيڪي لڪايو ٿا ۽
زمين جون ڳجهيون شيون پڌريون ڪندو آهي؟ ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو
مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٦﴾ السجدة قَالَ سَنَنْظُرُ
جيڪي ظاهر ٿا ڪريو. الله ئي آهي ناهي ڪو ٻيو خدا مگر اهوئي آهي مالڪ عرش عظيم جو. چيائين اسان ڏسون ٿا
(بہ) ڄاڻندو آهي. الله (اهو آهي جو) اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي (اهو) وڏي عرش جو پالڻهار آهي. (سليمان)
اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾ اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ
تون سچ تو چوين يا آهين ڪوڙن مان. کڻي وڃ خط منهنجو هي پوءِ اڇلاءِ ان کي انهن ڏانهن
چيو تہ، ڏسنداسين تہ سچ چيو اٿيئي يا ڪوڙن مان آهين؟. هيءُ منهنجو خط کڻي وڃ، پوءِ اهو انهن ڏانهن اڇل.
ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْۤ اُلْقِيَ
پوءِ هٽي وڃ انهن کان پوءِ ڏس ڪهڙي ٿا ورندي ڏين. چوڻ لڳي اي ڪچهري وارؤ بيشڪ اڇليو ويو آهي
وري ڪاڻن منهن ڦيراءِ، پوءِ ڏس تہ ڇا ٿا ورندي ڏين؟. (بلقيس خط ڏسي) چيو تہ، اي سردارو! مون ڏانهن مانائتو
اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٩﴾ اِنَّهٗ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَاِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٣٠﴾
مون ڏانهن هڪ خط عزت وارو. اهو آهي سليمان کان ۽ بيشڪ اهو آهي نالي الله ٻاجهاري مهربان جي سان شروع.
خط اڇليو ويو آهي. بيشڪ اهو (خط) سليمان وٽان (آيل) آهي ۽ بيشڪ اهو الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع) آهي.

السجدة ٨

ع ٢/١٤

أَلَّا تَعْلُوا عَلَيَّ وَأْتُونِي مُسْلِمِينَ ﴿٣١﴾ قَالَتْ يَا أَيُّهَا الْمَلَأُ أَفْتُونِي فِي

تہ نہ وڏائي ڪريو مون تي ۽ اچو مون وٽ فرمانبردار ٿي. چوڻ لڳي اي ڪچهريءَ وارؤ! صلاح ڏيو مونکي منهنجي

تہ منهنجي آڏو وڏائي نہ ڪريو ۽ مون وٽ مسلمان ٿي اچو. (بلقيس وري) چيو تہ، اي سردارؤ! منهنجي ڪم ۾ مون کي صلاح ڏيو

أَمْرِي مَا كُنْتُ قَاطِعَةً أَمْرًا حَتَّىٰ تَشْهَدُونِ ﴿٣٢﴾ قَالُوا نَحْنُ أُولُو قُوَّةٍ وَ

ڪم ۾ ناهيان آءٌ نبيريندڙ ڪو ڪم جيستر توهان حاضر هجو. چيائون اسان طاقتور ۽

(آءٌ) ڪو ڪم ايسين نبيريندڙ نہ آهيان، جيسين اوهين حاضر (نہ) ٿيندؤ. چيائون تہ، اسين زوراور ۽

أُولُو بَأْسٍ شَدِيدٍ وَالْأَمْرُ إِلَيْكِ فَانْظُرِي مَاذَا تَأْمُرِينَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ إِنَّ

سخت جنگ ڪندڙ آهيون ۽ حڪم تنهنجي حوالي آهي پوءِ تون ڏس ڪهڙو ٿي حڪم ڪرين؟ چوڻ لڳي يقينن

ڏاڍا جنگي جوان آهيون ۽ معاملو تنهنجي حوالي آهي، پوءِ نهار تہ ڇا ٿي حڪم ڪرين؟. چيائين تہ، بيشڪ

الْمُلُوكَ إِذَا دَخَلُوا قَرْيَةً أَفْسَدُوهَا وَجَعَلُوا أَعِزَّةَ أَهْلِهَا أَذِلَّةً ۖ وَكَذَٰلِكَ

بادشاه جڏهن گهڙندا آهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ويران ڪندا آن کي ۽ ڪندا آهن اتان جي عزت وارن کي ذليل. ۽ ائين ٿي

بادشاه جنهن مهل ڪنهن ڳوٺ ۾ گهڙندا آهن، (تنهن مهل) ان کي اجاڙيندا آهن ۽ اُن جي مانوارن کي بي مانو ڪندا آهن

يَفْعَلُونَ ﴿٣٤﴾ وَإِنِّي مُرْسِلَةٌ إِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنَاظِرَةٌ بِمَ يَرْجِعُ

ڪندا آهن. ۽ آءٌ موڪليان ٿي انهن ڏانهن سوکڙي پوءِ ڏسان تہ ڪهڙي ورندي تا آڻين

۽ (سيئي بادشاه) ائين ٿي ڪندا آهن. ۽ بيشڪ آءٌ انهن ڏانهن ڪا سوکڙي موڪليان ٿي، پوءِ ڏسان تہ قاصد ڇا سان

الْمُرْسَلُونَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَاءَ سُلَيْمَانَ قَالَ أَتُمِدُّونَنِ بِمَالٍ فَمَا آتَانِيَ اللَّهُ

قاصد. پوءِ جڏهن پهتو سليمان وٽ چيائين ڇا توهان ڏيو ٿا مونکي مال پوءِ جيڪي ڏنو آهي مونکي الله

موٽن ٿا؟. پوءِ جنهن مهل سليمان وٽ (قاصد) آيو (تنهن مهل سليمان) چيو تہ، اوهين مون کي مال سان امداد ڪريو ٿا ڇا؟ پوءِ جيڪي مون کي الله ڏنو

خَيْرٌ مِمَّا آتَاكُمْ ۚ بَلْ أَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُونَ ﴿٣٦﴾ ارْجِعْ إِلَيْهِمْ

اهو گهڻو ڀلو آهي انهي کان جيڪي توهان کي ڏنائين بلڪ توهان پنهنجي سوکڙي تي خوش ٿيو ٿا. موٽي وڃ انهن ڏانهن

آهي سو اُنهيءَ کان ڀلو آهي جيڪي اوهان کي ڏنو اٿس، بلڪ اوهين پنهنجن سوغاتن سان خوش ٿا ٿيو. (سڌن سوکڙين سميت) اُنهن ڏانهن موٽي وڃ.

فَلَنَأْتِيَنَّهُمْ بِجُنُودٍ لَا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَلَنُخْرِجَنَّهُمْ مِنْهَا أَذِلَّةً وَهُمْ

پوءِ آڻينداسون انهن تي اهڙا لشڪر جو ناهي طاقت انهن کي انهن سان ۽ ضرور ڪيدنداسون انهن کي اتان ذليل ڪري ۽ اهي

(اسين) بيشڪ اهڙا لشڪرن آڻينداسون جن جي سامهون ٽڪڻ جي انهن کي ڪا مجال نہ هوندي ۽ ان هنڌان کين بلڪل بيمانو ڪري ڪيدنداسون ۽

صَاغِرُونَ ﴿٣٧﴾ قَالَ يَا أَيُّهَا الْمَلَأُ أَيُّكُمْ يَأْتِينِي بِعَرْشِهَا قَبْلَ أَنْ يَأْتُونِي

خوار هوندا. فرمايائين اي ڪچهريءَ وارؤ! ڪير توهان مان آڻيندو مون وٽ ان جو تخت اڳي هن کان جو اهي اچن مون وٽ

اهي ذليل هوندا. (سليمان) چيو تہ، اي سردارؤ! اوهان مان ڪو انهن جي مسلمان ٿي مون وٽ اچڻ کان اڳ سندس تخت مون

مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ

فرمانبردار ٿي. چيو سرڪش جن مون آٿيندس تو وٽ ان کي هن کان اڳي جو تون اٿين پنهنجي

وٽ آڻيندو؟ جنن مان هڪڙي وڏي جن چيو ته، تون پنهنجي جاءِ تان اٿين، تنهن کان اڳي آءٌ اهو تو وٽ آڻيندس

مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ

مجلس کان، ۽ بيشڪ مون انهي تي سگهه رکندڙ امانتوارو آهيان. فرمايو انهيءَ جنهن وٽ هئو علم ڪتاب جو

۽ بيشڪ آءٌ مٿس وڏو سگهارو معتبر آهيان. (ٻيو) شخص جنهن وٽ ڪتاب مان علم هو، (تنهن) چيو ته،

اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ

آءٌ آڻيندس تو وٽ اُن کي اڳي تنهنجي اک ڇنڀ کان، پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي رکيل پاڻ وٽ

تنهنجي نگاه جي تو ڏانهن موٽڻ کان اڳي آءٌ اهو (تخت) تو وٽ آڻيندس، پوءِ جنهن مهل (سليمان) اهو پاڻ وٽ رکيل ڏٺو

قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۖ لِيَبْلُوَنِيْٓ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ؕ وَمَنْ شَكَرَ

چيائين اها آهي مهرباني منهنجي رب جي، جيئن آزمائي مونکي ته آءٌ شڪر توڪريان يا بي شڪري توڪريان، ۽ جنهن شڪر ڪيو

(تنهن مهل) چيائين ته، هيءُ منهنجي پالڻهار جي فضل مان آهي (هن لاءِ) ته مون کي پرکي ته شڪر ڪريان ٿو يا بيشڪري ڪريان ٿو،

فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوْا

پوءِ رڳو اهو شڪر توڪري پنهنجي لاءِ، ۽ جنهن ڪفر ڪيو ته پوءِ منهنجو رب بي پرواهه سخي آهي. فرمايائين اوپرو ڪريو

۽ جيڪو شڪر ڪندو سو رڳو پنهنجي (نفعي) لاءِ شڪر ڪندو ۽ جنهن بي شڪري ڪئي ته منهنجو پالڻهار بي پرواهه ڪرم ڪندڙ آهي.

لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ اَتَهْتَدِيْٓ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤١﴾

ان لاءِ سندس تخت کي ڏسون ته سمجهي ٿي يا آهي انهن مان جيڪي نه ٿا سڃاڻن؟

(سليمان) چيو ته، اُن جي تخت کي اُن (جي آزمائش) لاءِ بدليو ته ڏسون ته سڃاڻي ٿي يا انهن مان ٿئي ٿي، جيڪي نه سڃاڻن؟.

فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ؕ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ

پوءِ جڏهن آئي ته چيو ويو ڇا اهڙو آهي تخت تنهنجو، چيائين ڄڻ هيءُ اُهو آهي، ۽ اسان کي ڏني وئي آهي ڄاڻ

پوءِ جنهن مهل (بلقيس) آئي (تنهن مهل) چيو ويو ته، تنهنجو تخت ههڙو آهي ڇا؟ چيائين ته، هيءُ ڄڻڪ اهو ئي آهي ۽ هن کان اڳ (سليمان جي

مِنْ قَبْلِهَا وَكُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَصَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ

انهي کان اڳ ۾ ٿي ۽ ٿيا آهيون اسين فرمانبردار. ۽ روڪيائين ان کي جنهن جي پوڄا ڪندي هئي الله کان سواءِ،

سچائيءَ بابت) اسان کي ڄاڻ ڏني ويئي هئي ۽ اسين حڪم مڃيندڙ آهيون. ۽ الله کان سواءِ جنهن جي پوڄا ڪندي هئي، تنهن کان کيس (سليمان)

اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٤٣﴾ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ

بيشڪ اها هئي قوم ڪافرن جي مان، چيو ويو کيس گهڙ محلات ۾، پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي پاڻياٺين ان کي

جهليو بيشڪ اها ڪافرن جي قوم مان هئي، اُن کي چيو ويو ته، محلات ۾ گهڙ! پوءِ اها جنهن مهل ڏٺائين (تنهن مهل) ان کي پاڻيءَ جو تلاءُ ڀانيائين

لُجَّةً وَّكَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ۭ قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ڛ قَالَتْ

ڇُرپاڻيءَ جي ۽ کولڻ لڳي پنهنجون پنيون، فرمايائين اهو محل جڙيل آهي شيشي مان. چوڻ لڳي

۽ پنهنجن پنين تان ڪپڙو لاٿائين. (سليمان) چيو ته، اها محلات شيشن سان جڙيل آهي. چيائين ته

رَبِّ اِنِّىْ ظَلَمْتُ نَفْسِىْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٤﴾ ع

اي منهنجا رب بيشڪ مون ظلم ڪيو پاڻ تي ۽ فرمانبردار ٿي آهيان سليمان سان گڏ الله رب العالمين لاءِ.

منهنجا پالڻهار! بيشڪ مون پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو ۽ (هاڻي) جهانن جي پالڻهار الله کي سليمان سميت مڃيم.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمْ

۽ اسان موڪليو هئو ثمود ڏانهن سندس ڀاءُ صالح کي ته عبادت ڪريو الله جي پوءِ اهي

۽ بيشڪ ثمود (قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليوسون ته الله جي عبادت ڪريو پوءِ اهي ان مهل

فَرِيْقٰنِ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّيِّئَةِ

ٻه ٽولا ٿي پاڻ ۾ جهڳڙو پيا ڪن. چيائين اي منهنجي قوم ڇو ٿا تڪڙو ڪريو برائي کي

ٻه ٽوليون ٿي جهڳڙو ڪندا رهيا. (صالح) چيو ته، اي منهنجي قوم! اوهين چڱائي کان اڳ برائيءَ جي تڪڙ ڇو ڪندا آهيو؟

قَبْلَ الْحَسَنَةِ ۚ لَوْلَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوا اطَّيَّرْنَا بِكَ وَ

ڀلائي کان اڳ، ڇو نه ٿا معافي گهرو الله کان من توهان تي رحم ڪيو وڃي. چيائون اسان سوڻ وٺون ٿا توسان ۽

الله کان بخشش ڇو نٿا گهرو ته مَن اوهان تي رحم ڪيو وڃي؟ چيائون ته، توکي ۽ تنهنجي سنگت کي نياڳو سمجهيوسون

بِمَنْ مَّعَكَ ۭ قَالَ طٰۗىِٕرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ

ان سان جيڪي توسان گڏ آهي، چيائين سوڻ توهان جو الله وٽ آهي بلڪ توهان ماڻهو پرکيا وڃو ٿا. ۽

(صالح) چيو ته، اوهان جو نياڳ الله وٽ آهي، بلڪ اوهين پرکيل قوم آهيو. ۽ (اُن)

كَانَ فِى الْمَدِيْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ يُّفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿٤٨﴾

هئا شهر ۾ نو ڄڻا وڳوڙ پيا وجهن ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه پيا آڻين.

شهر ۾ نو ڄڻا هئا جي ملڪ ۾ ڏقيڙ وجهندا هئا ۽ سڌارو نه ڪندا هئا.

قَالُوْا تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَاَهْلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِيِّهٖ مَا شَهِدْنَا

چيائون قسم کڻي الله جو ته ضرور راتاهو هڻنداسون انهي تي ۽ سندس گهر تي پوءِ چونداسون ان جي وارث کي ته ڪونه هئاسون

انهن الله جو قسم پاڻ ۾ کڻي چيو ته، صالح کي ۽ سندس گهروارن کي راتاهو هڻي مارينون، وري سندن وارث کي ضرور چونداسين

مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا وَّمَكَرْنَا مَكْرًا وَّهُمْ

تباهي وقت سندس گهراڻي جي ۽ اسين سچ ٿا چئون. ۽ سٽيائون سٽ ۽ اسان بہ سٽي سٽ ۽ انهن کي

ته (اسين) سندس گهروارن جي هلاڪ ٿيڻ مهل حاضر نه هئاسون ۽ بيشڪ اسين سچا آهيون. ۽ هنن هڪڙي قسم جو فريب ڪيو ۽ اسان بہ هڪڙي

لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ ۙ اَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَقَوْمَهُمْ

پتو ئي نہ پيو. پوءِ ڏس ڪيئن ٿيو انجام انهن جي مڪر جو اسان تباهه ڪيوسون انهن کي ۽ سندن قوم

قسم جي رٿ رٿي ۽ اهي بي خبر هئا. پوءِ (اي پيغمبر!) نهار تہ سندن فريب جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! جو اسان ڪين ۽ سندن سڄي قوم کي ناس ڪيو.

اَجْمَعِيْنَ ﴿٥١﴾ فَتِلْكَ بُيُوْتُهُمْ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ

سيني کي. پوءِ اهي گهر آهن انهن جا اونڌا ڪيل جو ظلم ڪيائون، بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي ماڻهن لاءِ

پوءِ انهيءَ سببان جو ظلم ڪيائون، اهي سندن گهر اجڙيل آهن. ڄاڻندڙ قوم لاءِ بيشڪ هن ۾ وڏي نشاني آهي.

يَّعْلَمُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٣﴾ وَلُوْطًا اِذْ قَالَ

جيڪي ڄاڻن ٿا. ۽ اسان بچايو انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا هئا. ۽ موڪليوسون لوط کي جڏهن چيائين

۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي تن کي بچايوسين. ۽ لوط کي (موڪليوسون). جڏهن پنهنجيءَ قوم کي

لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿٥٤﴾ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ

پنهنجي قوم کي ڇا ڪريو ٿا بي حيائي ۽ توهان ڏسو بہ ٿا. ڇا توهان اچو ٿا مردن تي

چيائين تہ. اوهين بيحيائيءَ (جو ڪم) ڇو ڪندا آهيو ۽ اوهين ڏسندا (بہ) آهيو؟. اوهين زالن کي ڇڏي مردن ڏانهن شهوت

شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿٥٥﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ

شهوت سان عورتن کي ڇڏي، بلڪ توهان ماڻهو نادان آهيو. پوءِ نہ هئو جواب

سان ڇو ويندا آهيو؟ بلڪ اوهين جاهل قوم آهيو. تڏهن سندس قوم جي ورندي رڳو هيءَ هئي تہ.

قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْۤا اٰلَ لُوْطٍ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ

سندس قوم جو مگر هي تہ چون پيا ڪڍو لوط وارن کي پنهنجي ڳوٺ مان، اهي ماڻهو آهن

چيائون تہ پنهنجي ڳوٺ مان لوط جي گهروارن کي تڙيو، ڇو تہ اهي ماڻهو پاڪ هجڻ گهرندا

يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۫ قَدَّرْنٰهَا مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٥٧﴾

جو پاڪ ٿا ٿين. پوءِ بچايوسون ان کي ۽ سندس گهراڻي کي مگر ان جي زال رکيوسون ان کي پوئتي رهندڙن ۾.

آهن. پوءِ ڪيس ۽ سندس گهروارن کي بچايوسون، سواءِ سندس زال جي، جنهن کي پوئتي رهيلن مان ٺهرايوسون.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٥٨﴾ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ع ٤ ١٩

۽ وسايوسون انهن تي مينهن، پوءِ بڇڙو هئو مينهن ڊيڄاريلن جو. تون چئُو سڀ تعريف الله لاءِ آهي

۽ مٿن مينهن وسايوسون، پوءِ ڊيڄاريلن جو مينهن بڇڙو آهي. (اي پيغمبر!) چئو تہ. سڀ ساراهہ الله کي جڳائي

وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ؕ ءٰٓاللّٰهُ خَيْرٌ اَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٩﴾ ط

۽ سلام آهي سندس ٻانهن تي جن کي چونڊيائين، ڇا الله ڀلو آهي يا جن کي اهي شريڪ ٿا ڪن؟

۽ سندس انهن ٻانهن تي سلام هجي جن کي پسند ڪيائين. الله ڀلو آهي يا اهو جنهن کي (اهي الله جو) شريڪ بڻائيندا آهن؟

